# اَسين اِئين ٿياسين

(پسگردائي اَڀياس ڀاڱو - ٢)

## درجو پنجون



# ڀارتيہ سنوڌان

## باب - چوٿون الف

## بنيادي فرض

**قلم 51A**

**بُنيادي فرض : ڀارت جي هرهڪ ناگرڪ جو فرض آهي تہ :**

(الف) هوُ ڀارت جي سنوڌان کي مڃيندو، اُن جي قومي جهنڊي، قومي تراني، آدرش ۽ سنستا جي عزت ڪندو.

(ب) آدرش ويچارن، جن آزاديءَ جي لڙائيءَ لاءِ همٿايو ۽ اُتساهہ ڏوڪيو، اُنهن جي سنڀال ۽ پوئواري ڪندو.

(ٻ) ڀارت جي ايڪتا، اکنڊتا ۽ سمپوريتا جي رکشا ڪندو.

(ڀ) ديش جي حفاظت ڪندو ۽ وقت پوڻ تي ديش سيوا ۾ ٽپي پوندو.

(ت) سڀني ماڻهن ۾ هڪ ايڪتا جي ڀاونا پئدا ڪندو، جيڪا ڌرم، ڀاشا، کيترواد جي ڀيدڀاءُ کان پري هوندي. اَهڙيون رسمون جيڪي عورت ذات خلاف هونديون، اُنهن جو بهشڪار ڪندو.

(ٿ) ڀارت جي جامع سنسڪرتي ۽ شاندار ورثي جي حفاظت ڪندو ۽ مُلهہ سمجهندو.

(ٽ) قدرتي ماحول جهڙوڪ جهنگل، ڍنڍون، نديون، جهنگلي-زندگي اِنهن جو بچاءُ ڪندو ۽ سڀني پراڻين لاءِ دردمندي رکندو.

(ث) وگيانڪ درشٽي، اِنساني مُلهہ، جاچ جوُچ ۽ سڌاري جي ڀاونا کي اَهميت ڏيندو.

(ٺ) عام ملڪيت کي سلامت رکندو ۽ هنسا کان پري رهندو.

(ڄ) شخصي ۽ گڏيل مشغولين جي سڀني کيترن ۾ اَڳتي وڌڻ جي لڳاتار ڪوشش ڪندو جئن ملڪ اَڳتي وڌندو رهي ۽ ڪاميابيءَ جي اوچاين کي ڇُهي.

(ک) ماءُ يا پيءُ يا پالڪ آهي تہ اُهو ضرور ڏسي تہ پنهنجي ٻار کي تعليم حاصل ڪرڻ جو موقعو ڏيندو. جنهن جي عمر ڇهن ۽ چوڏهن سالن وچ ۾ هجي.





شڪشڻ کاتي جو منظور ڪيل نمبر
پرش س/۲۰۱۴-۱۵/۱۴۸/منظوري/ڊ۵۰۵/۳۴۱ تاريخ: ۲۰۱۵.۱.۱۴

# اَسين اِئين ٿهياسين

## (پسگر دائي اَڀياس ڀاڱو - ۲)

## درجو پنجون

مھاراشٽر راجيہ پاٺيہ پُستڪ نِرمتي وَ اَڀياس ڪرم سنشوڌن منڊل، پُڻي.

پر واري 'ڪيو آر ڪوڊ' کي سمارٽ فون ذريعي اسڪين ڪري سگھجي ٿو. ان وسيلي توھانکي پڙھڻ / پڙھائڻ لاءِ ڪارائتيون لنڪس (URL) ملنديون.

M3E63P

پهريون ڇاپو : ۲۰۱۵
سڌاريل ڇاپو : 2022

© مهاراشٽر راڄيه پاٺيه پُستڪ نرمتي وَ اڀياس ڪرم سنشوڌن منڊل، پڻي ۴۱۱۰۰۴.
مهاراشٽر راڄيه پاٺيه پستڪ نرمتي وَ اڀياس ڪرم سنشوڌن منڊل وٽ هن ڪتاب جا سڀ حق واسطا محفوظ آهن. هِن ڪتاب جو ڪوبه حصو سنڇالڪ، مهاراشٽر راڄيه پاٺيه پُستڪ نرمتي وَ اَڀياس ڪرم سنشوڌن منڊل جي لکيت ۾ منظوريءَ کانسواءِ ڪٽي نٿو سگهجي.

**اِتهاس وشيه ڪاميٽي:**
ڊاڪٽر اي. ايڇ. سالُنکي، اڌيڪش
ڊاڪٽر سدانند موري، ميمبر
پروفيسر هري نَرڪي، ميمبر
اڊووڪيٽ گووند پانسَري، ميمبر
شري عبدل قادر مقادم، ميمبر
ڊاڪٽر گڻيش رائوُت، ميمبر
شري سنڀاجي ڀگت، ميمبر
شري پرشانت سروُڊڪر، ميمبر
شري موگل جاڌوَ، ميمبر-سيڪريٽري
وشيش اڌڪاري، اِتهاس ۽ ناگرڪ شاستر

**اِتهاس وشيه ڪاروباري ڪاميٽي:**
ڊاڪٽر شُڀانگنا اَتري
ڊاڪٽر مَنجوُشري پوار
پروفيسر ديويندر اِنگلي
پروفيسر پرتما پرديسي
پروفيسر يشوَنت گوساوي
شري سنجيه وَجهريڪر
شري راهوُل پرڀوُ
شري سنديپ واڪچوُري
شري مُرگيندر دُڳاٽي
شري اَروڻ ھَڙبي
پروفيسر موهسينا مُڪادم
ڊاڪٽر ايس. آر. وجهي

**سنيوجڪ :**
شري موگل جاڌوَ
وشيش اڌڪاري،
اِتهاس ۽ ناگرڪ شاستر
شريمتي ورشا ڪانبلي
وشيه سهايڪ، اِتهاس ۽ ناگرڪ شاستر
پاٺيه پُستڪ منڊل، پڻي.

**سنيوجڪ :**
شريمتي ڪيتڪي جاني
(اِنچارج آفيسر، سنڌي)

**سنيوجن سهايه :**
شريمتي گيتا گڻيش ناڪر
(ڪاپي رائيٽر، سنڌي)

**ترجمو ڪندڙ:** شري وجيه منگلاڻي

**چڪاس ڪندڙ:** شري راجڪمار موهناڻي

**تصويرون ۽ سجاوٽ :** پروفيسر راهي قدم

**نقاشڪار:** شري رويڪرڻ جاڌو

**ٽائيپ سيٽنگ :** شريمتي شوڀا لعلچنداڻي

**ڪاغذ :** ۷۰ جي.ايس.ايم. ڪريم وو

**نرمتي:** شري سچيتانند آڦڙي، مکيه نِرمتي آفيسر
شري پرڀاڪر پربُ، نرمتي اڌڪاري
شري ششانڪ ڪڻڪدڙي، نرمتي سهايڪ

**ڇاپيندڙ:**

**ڇپائي آرڊر:**

**پرڪاشڪ :**
شري وويڪ اُتم گوساوي،
ڪنٽرولر، پاٺيه پُستڪ نرمتي منڊل،
پرڀاديوي، ممبئي-۲۵.

# ڀارت جو سنوڌان

## ديباچو

اسين ڀارت جا لوڪ، ڀارت کي هڪ مڪمل طور خود مُختيار سماجوادي سَرو ڌرم ۽ سم- ڀاوَ وارو لوڪشاهي گڻراجيه بڻائڻ لاءِ گنڀيرتا سان فيصلو ڪري اُنهيءَ جي سڀني ناگرڪن کي سماجڪ، آرٿڪ ۽ راڄنيتڪ نياءُ؛ ويچار، اظهار، وشواس، شرڌا ۽ اُپاسنا جي آزادي، درجي ۽ موقعي جي سمانتا؛ خاطريءَ سان حاصل ڪرائڻ ۽ اُنهن سڀني ۾ شخصي سؤمان ۽ راشٽر جي ايڪتا توڙي اکنڊتا جي خاطري ڏيندڙ ڀائيچارو وڌائڻ لاءِ.

اسان جي هن سنوڌان سڀا ۾ اڄ تاريخ ڇويهين نومبر، ۱۹۴۹ جي ڏينهن، هن ذريعي هيءُ سنوڌان سويڪار ڪري، اُن کي قانون جي روپ ۾ پاڻ کي ارپڻ ڪريون ٿا.

## راشٽرگيت

جَنَ گَڻَ مَنَ اڌينايڪ جَيَہ هي
ڀارت ڀاڳيہ وڌاتا
پَنجاب، سنڌ، گجرات، مراٺا،
دراوڙ، اُتڪل، بنگ،
ونڌيَہ، هماچَل يمُنا، گنگا،
اُڇڇل جل ڌِ تَرنگَ،
تَوَ شُڀ نامي جاڳي
تَوَ شُڀ آشيس ماڳي
ڳاهي تَوَ جيہ - ڳاٿا،
جَنَ گَڻَ منڱَل دايَڪ جَيَہ هي
ڀارت ڀاڳيہ وڌاتا،
جَيہ هي، جَيہ هي، جَيہ هي،
جَيہ جَيہ جَيہ جَيہ هي ....

## پرتگيا

”ڀارت منهنجو ديش آهي. سڀ ڀارتواسي منهنجا ڀائرءِ ڀينر آهن.

مونکي پنهنجي ديش لاءِ پيار آهي ۽ مونکي ان جي شاندارءِ طرح طرح جي ورثي تي ڳؤرو آهي. مان سدائين ان جي لائق ٿيڻ جو جتن ڪندو رهندس.

مان پنهنجن متن مائٽن، اُستادن ۽ سيني بزرگن جو سنمان ڪندس ۽ هرڪنهن سان فضيلت ڀريو ورتاءُ ڪندس.

مان پرتگيا ٿو ڪريان تہ مان پنهنجي ديش ۽ ديشواسين سان سچو ٿي رهندس. انهن جي ڪلياڻ ۽ آسودگيءَ ۾ئي منهنجو سک سمايل آهي.“

# پرستاونا

’ٻارن لاءِ مفت ۽ لازمي تعليم جو حق قانون ٢٠٠٩‘ ۽ ’قومي سکيا خاڪو ٢٠٠٥‘ کي نظر ۾ رکي مهاراشٽر راڄيہ ۾ ”پرائمري تعليم اَڀياس ڪرم ٢٠١٢“ تيار ڪيو ويو. اِنهيءَ اَڀياس ڪرم جي ڪارروائي ٢٠١٣-٢٠١٤ اِنهيءَ تعليمي سال کان شروع ٿي آهي. اَڀياس ڪرم ۾ ٽئين درجي کان پنجين درجي تائين سامانيہ وگيان، ناگرڪ شاستر ۽ جاگرافي اِهي وشيہ گڏ ڪري پسگردائي اَڀياس ڀاڱو - ١ ۾ ڏنا ويندا. اِتهاس وشيہ، پسگردائي اَڀياس ڀاڱو - ٢ ۾ الڳہ ڏنو ويندو، اِئين ٻڌايو ويو آهي.

سرڪاري منظور ٿيل اَڀياس ڪرم موجب پاٺيہ پستڪ منڊل درجي پنجين لاءِ هي درسي ڪتاب تيار ڪيو آهي.

پڙهڻ ۽ پاڙهڻ جي ترتيب ٻال-مرڪزي هئڻ گهرجي. پنهنجو اَڀياس ڪرڻ جي عادت تي زور ڏيڻ گهرجي. بنيادي تعليم جي آخر ۾ شاگرد ۾ گهربل لياقت حاصل ٿيڻ گهرجي. پڙهڻ ۽ پاڙهڻ جي ترتيب آنند ڏيندڙ هئڻ گهرجي. اِنهيءَ وشال نظرئي کي ڌيان ۾ رکي هيءُ ڪتاب تيار ڪيو ويو آهي. اِتهاس چئجي تہ هڪ وگيان آهي. اِن جي ڄاڻ شروعات کان ئي ٻارن کي مِلي اِهو ڌيان ۾ رکندي هِن ڪتاب جي رچنا ڪئي ويئي آهي. آد جڳاڏي ماڻهوءَ کان هاڻوڪي ماڻهوءَ تائين، هِن جو سفر سمجهندي سمجهندي، هُن جي سفر ۾ قدرت ۽ پسگردائي اِهي ٻہ مکيہ گهٽڪ آهن، اِها ڳالهہ ڪتاب جي شروعات ۾ سمجهائي ويئي آهي. اِتهاس جو مطلب ڇا آهي؟ اِن سوال جي جواب ۾ وقت وڏي اهميت رکي ٿو. وقت جي ويچار ڌارا کي سمجهڻ بنا، اِتهاس کي سمجهڻ ڏکيو آهي. اِنڪري وقت جي ويچار ڌارا کي وگيانڪ طريقي پيش ڪرڻ لاءِ سؤلي ٻولي اِستعمال ڪئي ويئي آهي. ماڻهوءَ ضرورت اَنوسار وسيلن جي کوج ڪئي. آبهوا ۾ بدل سدل جي ڪري سندس پسگردائيءَ ۾ بہ تبديليون آيون. اِنڪري هِن جي ضرورت ۽ ساڳئي وقت ضرورت موجب ڪم جو سوروپ بدليو. اِئين چئجي تہ سندس حاصل ڪيل وسيلن ۾ بہ تبديل آئي. ماڻهوءَ جي ٻُڌي ترقي پسند آهي اِنڪري اِهو ترقيءَ وارو اِتهاس ئي هڪ تهذيب آڻيندڙ ڏاڪو بڻيو. اِنڪري اِتهاس جي اُن دؤر جي شروعات ٿي، جنهن ۾ ماڻهوءَ جي هلت چلت، شهري سڀيتا، اِنهن سڀني جي ڄاڻ هِن پستڪ ۾ ڏني ويئي آهي. باب جي آخر ۾ چوکنڊن ۾ ڏنل ڄاڻ، شاگردن جو اَڀياس وڌيڪ حقيقي ۽ پختو ڪرڻ ۾ سهايڪ ٿيندو. اهڙي خاص ڏنل ڄاڻ تي ٻارن کان سوال نہ پڇجن اِها اُميد ڪئي وڃي ٿي. ماستر ۽ مائٽن لاءِ الڳہ سوچنائون ڏنل آهن. خود اَڀياس، اڻ وڻندڙ يا نيرس نہ بڻجي، اِن لاءِ علحدگي آڻڻ جي ڪوشش ڪئي ويئي آهي. اَڀياس وڌ ۾ وڌ مشغولين تي آڌارت هجي، اِنڪري ڪتاب ۾ ڪيتريون ئي مشغوليون ۽ پراجيڪٽ ڏنا ويا آهن.

هيءُ ڪتاب وڌ ۾ وڌ نردوش ۽ معياري ٿئي، اُن نظر کان پراتنوَ ماهر ڊاڪٽر ايم. ڪي. ڏَوليڪر، مهاراشٽر جي سڀني ڀاڱن مان چونڊ اُستادن، تعليمدانن ۽ وشيہ جي ڄاڻو اُستادن کان هِن ڪتاب جي سمالوچنا ڪرائي ويئي. آيل سوچنائن، ويچارن کي ڌيان ۾ رکي هِن ڪتاب کي آخرين روپ ڏنو ويو آهي. اِتهاس وشيہ ڪاميٽي، چترڪارن جي گهٽي وشواس ۽ محنت سان هيءُ درسي ڪتاب تيار ڪيو آهي. منڊل اِنهن سڀني جو تهدل شڪر گذار آهي.

اُميد تہ شاگرد، ماستر ۽ مائٽ هِن ڪتاب جو سواگت ڪندا.

(چندرمڻي بورڪر)
سنچالڪ
مهاراشٽرراڄيہ پاٺيہ پستڪ
نرمتي وَ اڀياس ڪرم سنشوڌن منڊل - پڻي.

پڻي
تاريخ : ٢٧ نومبر ٢٠١٤
٦ مانگهہ، شڪي ١٩٣٦

# ماسترن ۽ مائٽن لاءِ

’تعليم مان زندگيءَ جي سمجهه اچڻ‘، اِهو گيان رچنا وادي تعليم جو نيم آهي. شاگردن کي ڪتابن ۽ ماسترن مان وشيه جي ڄاڻ حاصل ٿئي فقط اُها اُميد نه رکي شاگردن اِن ڄاڻ جو لاڳاپو پنهنجي آزمودن سان جوڙي سگهن اِهو لازمي آهي. اِهو مقصد حاصل ٿيڻ لاءِ خود-اَڀياس ڏاڍو اهميت وارو آهي. اِنڪري ڪتاب جي رچنا ۽ ڪلاس جو سڪيا ماحول خود-اَڀياس لاءِ موافق هئڻ گهرجي. شاگردن کي حاصل هوندڙ ڄاڻ گيان رچنا وادي ترتيب هيٺين نموني ڏيکاري سگهجي ٿو.




متين سيني جُزن کي ڌيان ۾ رکندي هِن ڪتاب جي رچنا ڪئي ويئي آهي.

- شاگردن ۾ خود اَڀياس ڪرڻ جي دلچسپي پيدا ٿئي اِنڪري هڪ مُدي تان ٻئي مُدي تائين هوُسؤلائيءَ سان سمجهي اڳتي وڌي سگهي ۽ شاگردن ۾ ڪجهه نئون سکڻ جي چاهنا پيدا ٿئي، اُنجو خاص خيال رکيو ويو آهي.
- اهڙيءَ طرح گذريل باب جو لاڳاپو نئين باب سان ڳُجهي اِن لاءِ حاصل ڪيل ڄاڻ وسيلي سيينٽڪ اِتهاس بابت ڄاڻ جي هڪ اَڻوٽ ڪڙي ٻارن جي من ۾ تيار ٿئي، اُنجو خاص ويچار ڪيل آهي.
- اِهو ڪرڻ مهل وشيه جو وگيانڪ بنياد قائم رهي اِهو پڻ ڌيان ۾ رکيو ويو آهي. اهڙي ڄاڻ ۽ چتر چؤڪنديءَ ۾ ڏنل آهن جيئن گيان رچنا وادن تعليم جو عمل سؤلو ٿئي، اُنجو اُپيوگ ٻار وڌيڪ ڄاڻ جي روپ ۾ ڪري سگهن ٿا. **اِن ڄاڻ تي آڌارت سوال ٻارن کان پڇڻا نه آهن.** اڏياپڪن ۽ مائٽن کي اِها ڄاڻ حوالي جي روپ ۾ ڪرڻي آهي.
- ڪتاب جو مکيه مواد مُسودو ۽ چؤڪنڊن ۾ وڌيڪ ڄاڻ اُنجي رچنا خاص نموني ڪيل آهي. اِها رچنا ڪرڻ وقت اِهو خيال رکيو ويو آهي ته چتر، سيينٽڪ گهٽنائن جو احساس ڪرائڻ، اُن مان صحيح ويچار ڌارا جو وڪاس ٿئي اِهو سوچي ڪتاب لکيل آهي. اِن ۾ وڌ ۾ وڌ نواڻ آڻڻ لاءِ ماستر ۽ مائٽن جي ذميواري صرف گيان گڏ ڪرڻ تائين معدود نه رهي، ڄاڻيندڙ جي روپ ۾ نه رهي پر اُن سان سکڻ سيکارڻ جي پرڪريا ۾ ڀرووني اِهو پارٽ اَدا ڪري.
- گيان رچناوادي تعليم ۾ ٻارن جي پاڻ ۾ گفتگو ٿئي. اُنهن جي اِظهار کي وڏي اهميت آهي. اِهو باب ۾ مُدن تي آڌارت مشغولين جي رستي ئي ممڪن ٿي سگهندو. هر هڪ ٻار کي پنهنجي خاص ٻُڌي هوندي آهي. اِنڪري ٻارن جا ننڍا ننڍا گروهه ناهي هر ڪنهن کي جُدا جُدا مشغولي ڏيئي، گروهه ۾ پاڻ ۾ بحث مباحثو ڪرائي اُنهنجي گفتگو ڪرائي، فقط اينٽروئي نه پر شاگرد ازخود اِهو سمجهن ته ڪنهن به وشيه جا جدا جدا روپ ٿيندا آهن.
- پسگردائيءَ ۽ سيينا جو پاڻ ۾ گهرو ناتو آهي. اِهو ٻار ٻاٻن مان سمجهنداءِ ساڳين وقت مشغولين وسيلي اُن لاڳاپي بابت ڄاڻ وڌيڪ چٽي ٿيندي.
- درسي ڪتابن ۾ ٻاٻن جي هيٺان ڏنل سوال نموني طور ڏنل آهن. مُلهه ماپڻ لڳاتار هلندڙ ۽ وسيع ٿئي اِن لاءِ ماستر اُنهن سوالن وانگر ٻيا سوال ناهي.

| سکڻ وقت پڌايل تعليمي حاصلات | تعليمي حاصلات |
| --- | --- |
| سکندڙ کي تعليمي آزمودا گروه / جوڙي ۾ / شخصي طؤر ڏيئي هينين ڳالهين لاءِ اُتساهت ڪجي :<br>- جدا جدا هنڌن جو دؤرو ڪرائي گڏ ڪيل ڄاڻ بابت ساٿين، ماسترن ۽ بزرگن سان ڳالھ ٻول ڪرڻ ۽ آزمودا بيان ڪرڻ.<br>- آس پاس ۾ جدا جدا وياڱن / سنستائن مثال : بئنڪ، پاڻي وياڱ، اسپتالون، آپدا بندوبست مرڪز، جو دؤرو ڪرڻ اُتان جي ماڻهن سان ڳالهائڻ ۽ دستاويز سمجهڻ.<br>- جدا جدا ايراضين، دؤرن جي ڪاڌي، گهرن، پاڻيءَ جي مؤجودگي، گذارڻ جا وسيلا، ريتي رواج، تڪنيڪوُن انهن سماجڪ جيون جي علحدين ڳالهين جي ڄاڻ گڏ ڪرڻ لاءِ تصويرون، عجائب گهر وغيرھ جو دؤرو، بزرگن سان ڳالھ ٻول ڪري هٿ ڪرڻ.<br>- رات لاءِ اجهو، چانوٽيءَ ۾ رهندڙ ماڻهوُ، ٻڍا آشرم ۾ وڃڻ، بزرگن / خاص سگھ وارن، سان ڳالهائڻ ۽ پنهنجي ڪمائيءَ جو وسيلو بدلائيندڙن سان ڳالهائي سندن مول استان پڇڻ، اُنهن اهو استان ڇو ڇڏيو، لڏپلاڻ بابت سوال پڇڻ.<br>- اوسر جو مطلب سمجهڻ.<br>- اوائلي ماڻهوءَ کان جديد ماڻهوءَ جو سفر سمجهڻ.<br>- ٻين جي ڀلائيءَ لاءِ ڪم ڪندڙ شخصن جا آزمودا ۽ سندن وهي بابت ڄاڻڻ. | سکندڙ :<br>• 05.95B.01 شخصي جيون ۾ تڪنيڪ جي استعمال ۽ بنيادي گهرجون پوريون ڪرڻ لاءِ ترتيب ٻڌائن ٿا. روزاني زندگيءَ ۾ الڳ الڳ سنستائن جا ڪم ٻڌائن ٿا. (بئنڪ، پوليس اسٽيشن، سهڪاري سنستا)<br>• 05.95B.02 ماضيءَ جي ۽ هاڻوڪين ريتين رسمن، تڪنيڪن ۾ تبديلين (سڪا، تصويرون، يادگار، عجائب گهر) ۽ بزرگن سان ڳالھ ٻول ڪري ڄاڻ وٺن ٿا.<br>• 05.95B.03 جاچ ڪيل / آزمودا ورتل مسئلن تي راءِ ڏين ٿا. ريتين رسمن / واقعن کي سماج جي وڏن مسئلن سان جوڙين ٿا (مثال وسيلن جو استعمال / مالڪپڻو، وغرھ ۾ تفات، لڏپلاڻ، ٻارن جا حق ڌڪاريل وغيرھ)<br>• 05.95B.04 انساني لوسر جا ڏاڪا ٻڌائن ٿا.<br>• 05.95B.05 اوائلي ماڻهوءَ کان جديد ماڻهوءَ جي واڌاري جي ڄاڻ گڏ ڪن ٿا. |

# فهرست


| پاٺ جو نالو | صفحو |
|---|---|
| ١. اِتهاس معنيٰ ڇا؟ | ١ |
| ٢. اِتهاس ۽ وقت بابت | ٦ |
| ٣. ڌرتيءَ جا جاندار جُزا | ١٢ |
| ٤. وڪاس | ١٥ |
| ٥. ماڻهوءَ جو سفر | ١٩ |
| ٦. پٿر يُگ: پٿر جا هٿيار | ٢٥ |
| ٧. اَڄ کان ڳوٺ جي بستي | ٣٠ |
| ٨. ٿانئيڪي زندگيءَ جي شروعات | ٣٤ |
| ٩. ٿانئيڪو جيون ۽ شهري سڀيتا | ٣٩ |
| ١٠. اِتهاسڪ وقت | ٤٥ |



**S.O.I. Note :** The following foot notes are applicable : (1) © Government of India, Copyright : 2014. (2) The responsibility for the correctness of internal details rests with the publisher. (3) The territorial waters of India extend into the sea to a distance of twelve nautical miles measured from the appropriate base line. (4) The administrative headquarters of Chandigarh, Haryana and Punjab are at Chandigarh. (5) The interstate boundaries amongst Arunachal Pradesh, Assam and Meghalaya shown on this map are as interpreted from the "North-Eastern Areas (Reorganisation) Act. 1971," but have yet to be verified. (6) The external boundaries and coastlines of India agree with the Record/Master Copy certified by Survey of India. (7) The state boundaries between Uttarakhand & Uttar Pradesh, Bihar & Jharkhand and Chattisgarh & Madhya Pradesh have not been verified by the Governments concerned. (8) The spellings of names in this map, have been taken from various sources.

# ۱. اِتھاس معنيٰ ڇا؟

۱.۱ اتھاس: زمان ماضيءَ جي گھٽنائن جي ڇاڻ ڇنڊڇاڻ ڏيندڙ وگيان

۱.۲ اتھاس جو وگيانڪ طريقو

۱.۳ اِتھاس ۽ اَسان

۱.۴ زمان ماضي ۽ زمان مستقبل

## ۱.۱ اِتھاس: زمان ماضيءَ جي گھٽنائن جي ڇاڻ ڏيندڙ وگيان

گذريل سال اسين ڇترپتي شواجي مھاراج جي جيون ۽ انھنجي سوَراج استاپنا جي ڪاريہ جو اڀياس ڪيو. شواجي مھاراج جي جنم کان اڳ جو وقت يعني اڄ کان لڳ ڀڳ چار سؤ سال اڳ جو وقت. اِن کي ئي اسين چار سؤ سال ’جھوُنو‘ يا چار سؤ سال اڳ ’گُذريل وقت‘ پڻ چئي سگھون ٿا.

وھنوار ۾ سوَلائيءَ لاءِ اسين وقت کي الڳ الڳ طريقن سان ورھايوُن ٿا. ھاڻي، ٿورو وقت اڳ، ٿورو وقت پوءِ، يا اڄڪلھ، سُڀاڻي، يا ھن سال، ايندڙ سال، وغيره لفظ استعمال ڪرڻ مھل اسين من ۾ وقت ڳڻيندا آھيوُن. انھن مان ’ھاڻي‘، ’اَڄُ‘، ’ھِن سال‘، وغيره لفظن مان زمان حال ڏيان ۾ اچي ٿو. ’ٿوري دير اڳ‘، ’ڪلھ‘، ’گذريل سال‘ وغيره لفظ زمان ماضي ڏيکارن ٿا. ٿوري دير پوءِ، ’سُڀاڻي‘، ’ايندڙ سال‘، وغيره لفظن مان زمان مُستقبل جي خبر پوي ٿي. گذري ويل وقت زمان ماضي ھوندو آھي. ھلندڙ وقت زمان حال ھوُندو آھي. زمان مُستقبل پنيان اچڻو ھوُندو آھي.

زمان ماضيءَ ۾ اَنيڪ گھٽنائون ٿي ويوُن ھوُنديون آھن. مثال، اڄ اسانجي عُمر ڏھہ سال ھوُندي تہ اسانجي جنم جي ڳالھہ زمان ماضيءَ ۾ ڏھہ سال اڳُ ٿي، اھو مطلب نِڪري ٿو. ساڳيءَ طرح ڏھن سالن کانپوءِ زمان مُستقبل ۾ اَسانجي عُمر ويھہ سال ھوُندي. اَسانجي جنم جي ڏينھن کان اڄ



زمان ماضي
جنم جو ڏينھن
ڏھہ سال اڳ



زمان حال
اسان ڏھن سالن جا آھيون
اَڄُ



زمان مُستقبل
اسان ويھن سالن جا ٿينداسين
ڏھہ سال پوءِ

تائين جو يعني گذري ويل وقت اسانجو، مطلب ته هڪ انسان جي جيون جو، زمان ماضي آهي.

زمان ماضيءَ ۾ ٿيل گهٽنائن کي سمجهڻ جي ڄاڻ کي 'اتهاس' چئجي ٿو.

## ۱.۲ اتهاس جو وگيانڪ طريقو

درجي ٽئين ۽ چوٿين جي پسگردائي وگيان وشيہ جي ڪتاب ۾ الڳ الڳ وگيانن جي سڃاڻپ اسانکي ٿي آهي. ڪوبہ ثبوت تجربن جي مدد سان وري جاچي ڏسي سگهڻ، اِها سيني وگيانن جي خاصيت آهي. هرهڪ ثبوت ڌار ڌار ڪسوٽيءَ تي آزمائي اُهو وشواس جوڳو آهي يا نہ، اهو فيصلو ڪرڻ جي طريقي کي وگيانڪ طريقو چئجي ٿو.

اسانکي ننڍپڻ جوُن ڪيتريوُن ئي ڳالهيوُن ياد نہ هوُنديون آهن. ڏاڏو ڏاڏي، ماءُ پيءُ وغيره ماڻهوُ اسانجي ننڍپڻ جوُن مزيدار ڳالهيوُن ٻڌائيندا آهن. اُهي ڳالهيوُن ڪين ڌيان ۾ هوُنديون آهن. هڪ ئي ڳالهہ بابت الڳ الڳ ماڻهوُ ٻڌائيندا آهن، اُنهن جي ٻڌائڻ ۾ ڪُجهہ فرق ٿي سگهي ٿو. اهڙي وقت ڪهڙي ڳالهہ برابر آهي. اِهو سوال پيدا ٿئي ٿو. بلڪل برابر ڇا، اِهو طيءِ ڪرڻ لاءِ، ٻڌايل ڳالهہ جي باريڪيءَ سان جاچ ڪرڻي پوي ٿي.

زمان ماضيءَ جي گهٽنا، جيئن جو تيئن دُهرائي ڏيکارڻ جو تجربو ڪرڻ مُمڪن نہ آهي. تنهن ڪري اتهاس پيش ڪرڻ جو طريقو ٻين وگيانن کان الڳ آهي. تنهن هوندي بہ اُنجو ثبوت ڳولهڻ لاءِ، جاچڻ لاءِ ۽ پيتڻ لاءِ وگيانڪ طريقي جو ئي استعمال ڪيو ويندو آهي. اُن لاءِ ضروُرت موجب ٻين وگيانن جي مدد ونجي ٿي. اِهو سڀ سمجهي اتهاس هڪ وگيان آهي ائين چئجي ٿو. اتهاس فقط خيالن جي آڌار تي لکيو نہ ويندو آهي.

پراچين شيوُن، عمارتوُن، دستڪاري،



برتن



سڪا



تامرپتر



گرنٿ ۽ دستخط

**اِتهاس جا ساڌن**

برٽن، سِڪا، اُڪرليل ليک، ٽامرپٽر، گرنٿ، دستخط، ماڻهن جون ياد ڪيل آکاڻيُون، گيتن، وغيره کي ’اتهاس جا ساڌن‘ چئجي ٿو. انهن ساڌن جا دنيوي، لکيل ۽ زباني اِهي ٽي قسم آهن.

ماضيءَ ۾ ڇا ۽ ڪيئن ٿيو، اِهو پتو لڳائڻ لاءِ انهن ساڌنن مان ملندڙ ثبوتن جي سچ - ڪوڙ جي پرک ڪئي ويندي آهي. ڪسوٽيءَ تي پرکيل ثبوتن جي آڌار تي ماضيءَ جوُن گهٽنائوُن سلسليوار جوڙي اتهاس پيش ڪيو ويندو آهي. اِهو وگيانڪ طريقو آهي.

## ۱.۳ اتهاس ۽ اسين

وگيان جي اڀياس مان اسانکي ڇڻن سوالن جا جواب ملن ٿا. مثال، پسگردائي وگيان. پسگردائي وگيان جيئن پسگردائيءَ جو نقصان، غلاظتوُن اهڙن سوالن ۽ اُنجي اُپائن جو اڀياس ڪري ٿو، تيئن ئي هرهڪ وگيان پنهنجن ڪيترن جو اڀياس ڪري ٿو. اتهاس ماضيءَ جي گهٽنائن جو اڀياس ڪري ٿو.

انسان جي شخصي يا گڏيل ڪوشش جي نتيجي سبب انساني سماج جي ترقيءَ لاءِ مددگار يا نقصانڪار ماحول ٺهي ٿو. اُنجو اثر اسانجي روزاني زندگيءَ تي ٿئي ٿو. مثال، ڪنهن ڳوٺ جا سڀ ماڻهوُ هڪ ٻئي جي سهڪار سان ڄڌهن سڀ ڪم ڪن ٿا، تڏهن ڳوٺ جي ترقي سُٺي نموُني ٿئي ٿي. پر ڳوٺ جي ماڻهن ۾ ڪنهن ڪارڻ سبب جيڪڏهن يڪراءِ نہ ٿي ٿئي تہ پوءِ ترقيءَ ۾ رُڪاوٽوُن اچن ٿيوُن.

ماضيءَ ۾ ماڻهن جي ويچارن، ڪارين ۽ اُنجي نتيجن جو پتو لڳائي، اتهاس انيڪ سوالن جا جواب ڳولهيندو آهي. اتهاس جي اڀياس ڪرڻ مُمڪن ٿئي ٿو. زمان حال جي ڪهڙي وهنوار سان آئينده سُنو ٿيندو، اِهو پڻ اتهاس جي اڀياس سان سمجهہ ۾ اَچي ٿو.

ماضيءَ ۾ ٿيل مهان پُرشن جي جيون اُمنگ ۽ اُتساهہ حاصل ڪرائي ڏيڻ جو ڪاريہ پڻ اتهاس ڪندو آهي. اتهاس سبب اسانجي ۽ ٻي سنسڪرتي، انهن وچہ ٿيل ڏي - وٺ ۽ انساني سنسڪرتيءَ جي ترقيءَ جي رُخ جي ڄاڻ پوي ٿي. ان ڪانسواءِ ماڻهوُءَ جي رهڻي ڪرڻي ۾ ڪهڙا بدلاءَ آيا آهن، اِهو پڻ سمجهي سگهجي ٿو.

هرهڪ ڳوٺ، ضلعي، راڄيہ، ديش جو الڳ اتهاس هوُندو آهي. ساڳيءَ طرح ڌرتي، ڌرتيءَ تي جبل، آبي پنڌارن ۽ ساهوارن، ماڻهن سيني جو الڳ اتهاس آهي.

هرهڪ وگيان جو پڻ پنهنجو اتهاس ٿئي ٿو. اُنجي آڌار تي انساني سنسڪرتيءَ ۾ اهم بدلاءَ آڻيندڙ انيڪ وگيانڪ کوجنائن ۽ اُنهن کي ايجاد ڪندڙن جي ڄاڻ اَسانکي ملي ٿي.

## ۱.۴ زمان ماضي ۽ زمان مُستقبل

زمان ماضي، زمان حال ۽ زمان مُستقبل اِهي الڳ الڳ گهٽنائن جي اٽوٽ زنجير سان جُڙيل آهن. مثال، آزادي حاصل ڪرڻ لاءِ ڀارتواسين انگريز سرڪار خلاف لڙائي ڪئي، اهو هڪ اتهاسڪ ڪاريہ آهي. انجي نتيجي سبب ۱۵ آگسٽ ۱۹۴۷ تي ڀارت آزاد ٿيو، ائين چئي سگهجي ٿو تہ آزادي حاصل ڪرڻ جي گهٽنا آزاديءَ جي لڙائيءَ جي ڪاريہ جو نتيجو آهي.

اسانجي آس پاس ٿيندڙ انيڪ گهٽنائوُن

اهڙيءَ طرح اَسانجي اڳين تيل ڪارين سان جُڙيل هونديون آهن. اِن مان اَسان اِهو پڻ سمجهون ٿا تہ ماضيءَ ۾ ڪيل ڪارين تي مُستقبل مَدار رکي ٿو. اِهو اسين اتهاس جي اڀياس مان سکون ٿا. مثال، ڇڱو عرصو اڳ ماڻهوءَ پنهنجي اوسي پاسي ۾ ميسر شين مان هٿيار ناهڻ جي ڪلا پرائي، باھ جو استعمال ڪرڻ سکيو. هُن پوءِ ڦيٿي جي کوجنا ڪئي.

ايندڙ پيڙهين انهن ڳالهين کي وڌايو. ماڻهوءَ جي بدني ۽ دماغي وڪاس سان گڏو گڏ تڪنيڪ ۾ پڻ سُڌارو ايندو ويو. اِهو سلسلو اڄ پڻ لڳاتار هلي رهيو آهي. ماضيءَ جي کوجنائن جي آڌار تي ئي نيون ايجادون ڪري سگهجن ٿيون.





ماضيءَ جون کوجنائون ۽ تڪنيڪي



هاڻوڪي وقت جون کوجنائون ۽ تڪنيڪي

H3N25C

## اَڀياس

**سوال ١. خالن ۾ صحيح لفظ پريو.**

(الف) ماضيءَ ۾ تيل ڳهنائن کي سمجهڻ جي وڳيان کي ............ چئجي ٿو.

(ب) اتهاس فقط ............ جي آڌار تي نہ لکيو ويندو آهي.

**سوال ٢. هر هڪ ۾ هڪ جُملي ۾ جواب لکو.**

(اَلف) وڳيانڪ طريقو معني ڇا؟

(ب) آزاديءَ جي ڳهتنا ڪهڙي ڪارڻ جو نتيجو آهي؟

(ث) اتهاس جي اڀياس سان ڇا ممڪن ٿئي ٿو؟

**سوال ٣. هيٺين سوالن جا ٿوري ۾ جواب لکو.**

(اَلف) اتهاس هڪ وڳيان آهي ائين ڇو چئجي ٿو؟

(ب) ڳوٺ جي واڌاري ۾ رُڪاوٽون ڪيئن اچن ٿيون؟

## سوال ۴. ويچار چتر تيار ڪريو.




## سوال ۵. ڏنل خاڪي ۾ اتهاس جي ساڌنن جي ورهاست ڪريو.

**اتهاس جا ساڌن** - سڪا، خط، قلعا، گيت، برتن، تامرپتر، مڪان، شلاليک، لوڪ گيت، ٽنبا، جيون گرنٿ، غفائون، لوڪ ڪٿائون

| دنيوي | لکيل | زباني |
| --- | --- | --- |
| | | |

### مشغولي:

(الف) توهانجي شهر /آس پاس جي اتهاسڪ شين ۽ پراچين ڌرمي استانن جي ڄاڻ ۽ چتر گڏ ڪريو.

(ب) توهانجي اسڪول جو اتهاس ڄاڻڻ لاءِ توهان ڪهڙن ساڌنن جو اپيوگ ڪندا، انجي ياداشت ٺاهيو ۽ انهن ساڌنن مان توهانکي ڪهڙي ڄاڻ ملندي، اُهو پڻ لکو.

جيئن - اسڪول جو مهورتي پٿر :- اسڪول جي استاپنا، مهورت ڪرڻ وارا ماڻهو، وغيره.

## چا توهانکي خبر آهي؟

### پراچين وستوُوديا

ڌار ڌار انساني سماجن دوارا ماضيءَ ۾ ٺاهيل انيڪ شيون ۽ عمارتون انهن جا نشان الڳ الڳ هنڌن تي ڏسجن ٿا. اُهي سڀ زمين تي آهن ائين نہ آهي. سالن ٿائين پوڙ سبب وهي آيل رولت جا يا هوائن سبب اُڏامي آيل متيءَ جا تر جمع ٿين ٿا. اُنهن هيٺان ڪُجهہ نشان دٻجي ويندا آهن. انسانن دوارا ٺاهيل شيون ۽ عمارتون، انسانن ۽ جانورن جا هڏا پڻ، اهڙي نموُني دٻجي ويندا آهن. اهڙن نشانن کي ’دٻيل نشان‘ چئجي ٿو.

ماضيءَ جي شين ۽ عمارتن ۽ پراچين نشانن جي آڌار تي، ٿي ويل گهٽنائن جي ترتيب وگيانڪ طريقي سان ڪندڙ شاستر کي ’پراچين وستو وديا‘ چئجي ٿو. پراچين نشان ڳولهڻ ۽ اُنهنجو اپياس ڪرڻ جو ڪم ان وديا جا ماهر ڪندا آهن. زمين هيٺان دٻيل پراچين نشان ڪڍڻ لاءِ زمين جو هڪ هڪ تر ڌيان سان جاچي، خبرداريءَ سان کوٽائي ڪرڻ کي ’پراچين وستن جي کوٽائي‘ چوندا آهن. پراچين نشان جتي ملي سگهن ٿا، اهڙن هنڌن جي پهريون ڳولها ڪئي ويندي آهي. انهنجي صحيح طريقي سان ياداشت ڪئي ويندي آهي. پوءِ ڪهڙي هنڌ کوٽائي ڪجي اُنجي رٿا ٺاهي ويندي آهي.

کوٽائيءَ ۾ مليل نشانن جو اپياس ڪرڻ وقت ماهر انيڪ سوالن جا جواب ڳولهڻ جي ڪوشش ڪندا آهن.

مثال :

١. نشان ڪهڙي عرصي جا آهن؟

٢. نشان ڪهڙي سنسڪرتيءَ سان جُڙيل آهن؟

٣. اُن سنسڪرتيءَ ۾ ماڻهن جي روزاني زندگي ڪيئن هُئي؟

۴. انهن ماڻهن جي ٻين سنسڪرتيءَ جي ماڻهن سان ناتو ڪيئن هو؟

۵. پنهنجي روزاني زندگيءَ جوُن گهرجوُن پوُريون ڪرڻ لاءِ هوُ آس پاس مان ملندڙ قدرتي دؤلت جو استعمال ڪيئن ڪندا هُئا؟

## ٢. اِتهاس ۽ وقت بابت

**٢.١ وقت جي ورهاست ۽ وقت جي ريکا**

**٢.٢ وقت جي ڳڻپ ۽ اُنجا طريقا**

**٢.٣ اِتهاس جي وقت جي ورهاست.**

**٢.۴ وقت ماپڻ جا وگيانڪ طريقا ۽ وقت جي مُقرري**

### ٢.١ وقت جي ورهاست ۽ وقت جي ريکا

وقت سمجهڻ جا الڳ الڳ طريقا آهن. وقت اکنڊ هوندو آهي. پنهنجي سهوليت لاءِ اَسان اُنجي ورهاست ڪندا آهيون. وقت جي ورهاست اَسان ڪهڙي مقصد لاءِ ڪهڙي طريقي سان ڪيون ٿا، اُنتي وقت سمجهڻ جو طريقو مدار رکي ٿو. مِثال، سِڄُ اُڀريو تہ اَسين چوندا آهيون، ”ڏينهن شروع ٿيو، صبح ٿيو!“ سج لٿو تہ اَسين چوندا آهيون، ”ڏينهن پوُرو ٿيو، شام ٿي!“ ڏينهن پورو ٿيو تہ ڪجھ دير ۾ اوُندھ ٿي رات ٿيندي آهي. مطلب اَسين وقت جي ورهاست ڏينهن ۽ رات اِنهن ٻن جُزن ۾ ڪئي.

اَسانجي ڌرتي هڪ مقرر رفتار سان پنهنجي محوَر چوڌاري ڦِري ٿي. تيئن ئي اُها سِج جي چوڌاري پڻ ڦرندي آهي. سِج کي پنهنجي روشني آهي. سِج جي ڪرڻ مان لڳاتار روشني ملندي آهي. تڏهن بہ اَسانکي فقط ڏينهن ۾ روشني ڏسجي ٿي ۽ رات جو اوُندھ! اِهو ڪيئن ٿو ٿئي؟

ڌرتي پنهنجي محور چوڌاري ڦرڻ وقت، اُنجو جيڪو ڀاڱو سج جي سامهوُن ايندو اُتي روشني ٿيندي وڃي ٿي. جيڪو ڀاڱو سِج کان پري ٿيندو وڃي ٿو، اُتي اوندھ ٿيندي وڃي ٿي. ڌرتيءَ کي پنهنجي محوَر چوڌاري هڪ ڦيرو پورو ڪرڻ ۾ ٢۴ ڪلاڪ لڳن ٿا. لڳ ڀڳ ١٢ ڪلاڪن جو ڏينهن ۽ ١٢ ڪلاڪن جي رات اِهو عرصو هوُندو آهي. اهڙي نموني ڏينهن ۽ رات کي مِلائي اُن عرصي کي پڻ هڪ ’ڏينهن‘ چئجي ٿو. اهڙو هڪ ڏينهن يعني هڪ وار.

سوُمر کان آرتوار ستن وارن جو هڪ هفتو، ٻن هفتن جو هڪ ٻہ هفتو، چئن هفتن يا ٻن ٻن هفتن جو هڪ مهنو ۽ ٻارهن مهنن جو هڪ سال، اهڙي نموني اَسان وقت جي سلسليوار ورهاست ڪيون ٿا. سال بسال وقت گذرندي سؤ سال گذريا تہ هڪ صدي پوُري ٿيندي آهي. اهڙيون ڏهہ صديون مطلب هڪ هزار سال ختم ٿيا تہ ’هڪ هزاري‘ پوُري ٿي. وقت جي اهڙي ورهاست کي هڪ ريکا ۾ ورهائڻ چئبو آهي.

**عيسوي سن جو وقت :** هڪ ريکا ۾ ورهاست هڪ ٻنيان هڪ ايندڙ سالن کي سلسليوار ڏاهي رکبو آهي. اِتهاس جي ڪتاب ۾ پڻ هڪ ٻنيان هڪ ٿي ويل گهٽنائن جو سلسلو ساڳي هڪ ريکا ۾ ورهاست واري طريقي سان ڏاهي رکبو آهي. اِن لاءِ گهڻو ڪري عيسوي سن جو اُپيوگ ڪيو ويندو آهي.

اَسان جيڪو ڪئلينڊر اِستعمال ڪندا آهيون اُهو عيسوي سن تي آڌارت آهي. يسوع مسيح جي ياد ۾ عيسوي سن جي شروعات ٿي.

عيسوي لفظ ’يسوع‘ جي نالي سان واسطو رکي ٿو. جنهن سال کان عيسوي سن جي شروعات ٿي اُهو عيسوي سن جو پهريون سال. اُن سال کي ’۱‘ انگ سان ڏيکاريو ويندو آهي. اُن کان پوءِ واري هر سال جو نمبر اڳتي وڌندو ويندو آهي. عيسوي سن جي پهرين سؤ سالن جو عرصو مطلب پهرين صدي ’ع.س. ۱-۱۰۰‘ اِئين لکيو ويندو آهي. عيسوي سن جي پهرين ’هڪ هزاريءَ‘ جو عرصو مطلب ’ع.س. ۱-۱۰۰۰‘ لکبو آهي.

### عيسوي سن کان اڳ:

عيسوي سن کان اڳ وارو عرصو لکڻ جو طريقو اَسين ڪجهه مثالن جي مدد سان سمجهون. ورڌمان مهاوير جو جيون ڪال ع.س. کان اڳ ۵۹۹-ع.س. کان اڳ ۵۲۷ اِئين لکجي ٿو. گوتم بُڌ جو جيون ڪال ع.س. کان اڳ ۵۶۳ - ع.س. کان اڳ ۴۸۳ لکبو آهي.

### ۲.۲ وقت جي ڳڻپ ۽ اُنجا طريقا:

وقت جي ڳڻپ ڪرڻ معنيٰ، وقت جي ديگهه ماپڻ. وقت ڳڻڻ جي چاڙ ڏيندڙ ايڪا آهن: سيڪنڊ، مِنٽ، ڪلاڪ، ڏينهن، هفتو، ٻه هفتو، مهنو، سال، صدي ۽ هڪ هزاري. سيڪنڊ اُنهن مان سڀني کان ننڍو ايڪو آهي. دُنيا ۾ وقت ڳڻڻ جا اَنيڪ طريقا آهن. اُنهن ۾ ’عيسوي سن‘ طريقو وڌيڪ واپرايو وڃي ٿو. گهڻو ڪري مهني جي ڏينهن جو نمبر، مهني جو نالو يا نمبر ۽ سال جو نمبر اِن سلسلي سان تاريخ لکبي آهي.

وقت ڳڻڻ جا ٻيا به طريقا آهن. عيسوي سن جي شروعات يسوع مسيح جي ياد ۾ ٿي، اِهو اَسان پڙهيو آهي. ڪنهن خاص گهٽنا جي ياد ۾ نئين ’وقت ڳڻپ‘ جي شروعات ڪرڻ جو رواج



پيل هو. مِثال، ڪنهن پراڪرمي راجا جي راڄ تلڪ جي گهٽنا. ڇترپتي شواجي مهاراج پنهنجي راڄ تلڪ تي عيسوي سنه ۱۶۷۴ع ۾، ’راڄ تلڪ شڪ‘ ڪئلينڊر جي شروعات ڪئي. اِها اَسانکي ڄاڻ آهي.

اِڳ تي ڪُئي.

ڌرتيءَ جي اُتپتيءَ تائين ويندڙ پنين ساڍا ڇئن عرب سالن جو عرصو هڪدم سمجهي وٺڻ سؤلو نہ آهي. تنهن ڪري اُهو حصن ۾ سمجهڻ ضروري آهي. تنهن ڪري اِتهاس جي




ڇترپتي شواجي مهاراج جي جيون جون خاص گهٽنائون (ع.س. ۱۶۳۰ کان ۱۶۸۰)

’شالِواهن شڪ‘ ۽ ’وڪرم سنبت‘ اِهي پارت ۾ وڏيڪ هلندڙ وقت جي ڳڻپ جا طريقا آهن. اِسلام ڌرم جي اِستاپنا ڪندڙ حضرت محمد پيغمبر مڪي کان مديني لڏپلاڻ ڪئي. اِن لڏپلاڻ جي وقت کان ’هِجري‘ وقت جي ڳڻپ جي شروعات ٿي. پارت ۾ پارسي سماج دواران اِستعمال ٿيندڙ وقت جي ڳڻپ کي ’شهنشاهي‘ وقت جي ڳڻپ چئجي ٿو.

## ۲.۳ اِتهاس جي وقت جي ورهاست

اِتهاس ماضيءَ جي گهٽنائن جي ڄاڻ ڏيندڙ وگيان آهي. اِهو اَسين پهرئين باب ۾ ڏنوسين. اَسانکي اِها پڻ خبر آهي تہ ٿي ويل وقت زماني ماضي آهي. زمان ماضي ئي اِتهاس جو وقت آهي. وسيع نظريي موجب، اِتهاس جو وقت اَسانجي سورج منڊل جي اُتپتي جي وقت تائين آهي، اِهو خيال ۾ رکڻ گهرجي. لڳ ڀڳ ساڍا چار عرب سال اڳ اَسانجو سورج منڊل وجود ۾ آيو. اَسانجي ڌرتي اِن سؤرج منڊل جو هڪ گرهہ آهي. مطلب ڌرتيءَ جي اُتپتي پڻ ساڍا چار عرب سال

وقت جي ورهاست ڪبي آهي. اِن ۾ مُکيہ ٻہ حصا آهن:

۱. اِتهاس کان اڳ وارو وقت ۲. اِتهاسڪ وقت.

**۱. اِتهاس کان اڳ وارو وقت :** جنهن وقت جو اِتهاس لکڻ لاءِ لکيل ثبوت مؤجود نہ آهي، تنهن وقت کي اِتهاس کان اڳ وارو وقت چئجي ٿو.

**۲. اِتهاسڪ وقت :** جنهن وقت جو اِتهاس لکڻ لاءِ لکيل ثبوت مؤجود آهي، تنهن وقت کي اِتهاسڪ وقت چئجي ٿو.

## ۲.۴ وقت ماپڻ جا وگيانڪ طريقا ۽ وقت طيءِ ڪرڻ

اڄ ڪهڙو وارُ آهي يا اڄ ڪهڙي تِٿ آهي يا ڪهڙي تاريخ آهي. اِهو طيءِ ڪرڻ وقت اَسين وقت جي ڳڻپ ڪريون ٿا. وقت جي ڳڻپ جا اَنيڪ طريقا آهن اِهو اَسين ڏنوسين. اِنهن طريقن ۾ وقت جي ڳڻپ اڳئين يا پوين سلسلي سان ڪري سگهجي ٿي. مثال، اِهو جوُن مهنو آهي اِڳئين ڇيو تہ پويون مهنو مئيءَ هو ۽ اِڳيون مهنو جولاءِ هوُندو اِئين چئي سگهجي ٿو. اڄ ۱۰ تاريخ هجي تہ ڪلهہ ۹ تاريخ هئي ۽

سُياڻي ١١ تاريخ هوندي اِهو چئي سگهجي ٿو. مطلب وقت جي ڳڻپ جي طريقن سان اَسين وقت جي ڊيگهه جي ڳڻپ ڪريون ٿا.

عيسوي سنه جي شروع ٿيڻ کان اڳ واري وقت ۾ ٿيل گهٽنائن جو اَڀياس ڪرڻ مهل اُنهن جو وقت 'عيسوي سنه کان هيترا سال اڳ' اِئين چئبو آهي. اُنهن مان ڪجهه گهٽنائن جي ڄاڻ اَسانکي زمين هيٺان دبجي ويل ثبوتن جي مدد سان حاصل ڪرڻي پوندي آهي. اُهو ثبوت گهڙتو ڪري شين ۽ عمارتون اُنهن جي نشانن جي روپ ۾ هوندو آهي. اِنهن نشانن جي آڌار تي هزارين سال اڳ جي گهٽنائن جو وقت طيءِ ڪرڻ جو ڪم وگيانڪ طريقن سان ٿئي ٿو.

زمين جي هيٺان مِٽيءَ جا هڪ ٻئي مٿان اَنيڪ ته جميل ٿين ٿا. مِٽيءَ جي تهن جوءِ اُنهن تهن مان مليل نشانن جو ڪال ڪنڊ (وقت جو عرصو فلاڻي تاريخ کان فلاڻي تاريخ تائين اِئين پڪ نٿو چئي سگهجي. 'اَڄ کان لڳ ڀڳ هيترا سال اڳ' اِن طريقي سان وقت جي ڳڻپ ممڪن آهي. تنهن ڪري اهڙن طريقن کي وقت ماپڻ جا طريقا چئجي ٿو.

اهڙيءَ ريت وقت جي ڪٿ ڪرڻ لاءِ ڪاربان ١٤ تفريق ۽ ڪائنين گهيرن جي تفريق جهڙن وگيانڪ طريقن جو اِستعمال ڪيو ويندو آهي.

وقت جي ڪٿ جي آڌار تي نشان ۽ مِٽيءَ جي تهن جن مان اُهي نِشان مليا ڪيترا سال جهونا آهن اِهو پتو پيو ته اُنهن جو وقت اَنداز سان مقرر ڪري سگهجي ٿو. مِثال - ڪو برتن پنج هزار سال جهونو آهي اِهو وقت جي ماپ جي طريقي سان نتيجو نڪتو ته اِئين چئبو ته اُن برتن جو وقت ع.س. کان ٽي هزار سال اڳ آهي. اِن آڌار تي چئي سگهبو ته جنهن سڀيتا سان اِهو برتن لاڳاپو رکي ٿو اُنجو وقت اَندازن ع.س. کان ٽي هزار سال اڳ آهي.

## اَڀياس

**١. خالي جڳهين ۾ مُناسب لفظ لکو.**

(١) اَسان جيڪو ڪئليڊر اِستعمال ڪندا آهيون اُهو ------------------ تي آڌار رکي ٿو.

(٢) عيسوي سنه جي شروعات ٿيڻ کان اڳ واري وقت کي ------------------ چيو ويندو آهي.

**٢. هر هڪ جو هڪ جُملي ۾ جواب ڏيو.**

(١) وقت جي ڪٿ ڪرڻ لاءِ ڪهڙن وگيانڪ طريقن جو اِستعمال ڪيو ويندو آهي؟

(٢) عيسوي سنه جي پهرين سؤ سالن جو وقت ڪيئن لکيو ويندو آهي؟

**٣. هيٺين سوالن جا جواب ٿوري ۾ لکو.**

(١) وقت جي هڪ ريکا ۾ ورهاست معنيٰ ڇا؟

(٢) وقت جي ڳڻپ جا ڪهڙا ايڪا آهن؟

**٤. ڏنل خاڪو پورو ڪريو:**



## مشغولي:

ڏنل ماهياني رِٿ موجب پنهنجي ماهياني رِٿ تيار ڪريو.

### فيبروري

| آرتوار | سومر | منگل | ٻڌر | وسپت | شڪروار | ڇنڇر |
|---|---|---|---|---|---|---|
| | | | | | | ١ |
| ٢ | ٣ | ٤ | ٥ ڪرڪيٽ مئچ | ٦ | ٧ | ٨ ٽائڻ جو ڪلاس |
| ٩ دوست جو جنم ڏينهن | ١٠ | ١١ پُڦي ايندي | ١٢ | ١٣ | ١٤ | ١٥ |
| ١٦ | ١٧ | ١٨ حساب جي چڪاس | ١٩ چترپٽي شواجي جينتي | ٢٠ ڏاڏيءَ سان ملاقات | ٢١ | ٢٢ ٽائڻ جو ڪلاس |
| ٢٣ | ٢٤ ڳوٺ جو اُتسوَ | ٢٥ | ٢٦ | ٢٧ مرهٽي ڀاشا جو سنمان ڏينهن | ٢٨ | |

## ڇا توهانکي خبر آهي؟

اَرب : هڪ اَرب معنيٰ ڪيترا سال خبر اٿوَ؟ اَسانکي ڄاڻ آهي تہ هڪ سان ٽي ٻُڙيون مطلب ١٠٠٠ ۽ چار ٻُڙيون مطلب ١٠٠٠٠. اُن جي حساب سان ١٠٠ × ١٠ = ١٠٠٠ ۽ ١٠٠٠ × ١٠ = ١٠٠٠٠ جي پڻ اَسانکي ڄاڻ آهي. ساڳئي نموني وڌندڙ عدد ڪيئن ٺهندا آهن، اُهي ڏسون:

١٠٠ X ١٠ = ١٠٠٠
(هڪ هزار) = (ڏهه) X (سؤ)

١٠٠٠ X ١٠ = ١٠٠٠٠
(ڏهه هزار) = (ڏهه) X (هزار)

١٠٠٠٠ X ١٠ = ١٠٠٠٠٠
(هڪ لک) = (ڏهه) X (ڏهه هزار)

١٠٠٠٠٠ X ١٠ = ١٠٠٠٠٠٠
(ڏهه لک) = (ڏهه) X (هڪ لک)

١٠٠٠٠٠٠ X ١٠ = ١٠٠٠٠٠٠٠
(هڪ ڪروڙ) = (ڏهه) X (ڏهه لک)

١٠٠٠٠٠٠٠ X ١٠ = ١٠٠٠٠٠٠٠٠
(ڏهه ڪروڙ) = (ڏهه) X (هڪ ڪروڙ)

١٠٠٠٠٠٠٠٠ X ١٠ = ١٠٠٠٠٠٠٠٠٠
(هڪ اَرب) = (ڏهه) X (ڏهه ڪروڙ)






ولارڊ لِبي

جنم - ۱۹۰۸ مؤت - ۱۹۸۰

**وقت ڪٿڻ جا طريقا :** ڪاربان-۱۴ گئس سيني جاندارن جي شرير ۾ هوُندي آهي. جاندارن جي مؤت ڪان پوءِ اُنهنجي نشانن (بچيل حصن) ۾ ڪاربان-۱۴ جو اَنداز گهٽجندو وڃي ٿو. اِتهاس ڪان اڳ واري وقت جي ڪاٺ، ڪوئلي، هڏن، جاندار جُزن وغيره ۾ گهٽجندي وڃي هاڻي اُها ڪيترئُي بچي آهي اِهو تجربي خاني ۾ جاچيو ويندو آهي. بچيل ڪاربان-۱۴ جي آڌار تي اُن وستوءَ جي عمر ماپي ويندي آهي. هڪ وستوءَ جي عمر ماپڻ جي هِن وگيانڪ طريقي کي 'ڪاربان-۱۴ طريقو' چئجي ٿو. وقت ماپڻ جا ٻيا بہ طريقا آهن، پر 'ڪاربان-۱۴' طريقو وڌيڪ واپرايو ويندو آهي. هِن ۽ ٻين وقت ماپڻ جي طريقن سان شين جو سمو مقرر ٿيو تہ اُهي شيون جنهن سپيتا جي ماڻهن نِرماڻ ڪيون، اُن سپيتا جو وقت هڪ ليڪ واري وقت جي ريکا تي ڏيکاري سگهجي ٿو.

وڻ جي واڌ ٿيڻ سان اُنجي ٿُڙ جو هڪ هڪ گهيرو هر سال وڌندو وڃي ٿو. اُهي گهيرا ڳڻي وڻ جي عمر ماپجي ٿي. ڪاٺ جي شين جي عمر ماپڻ لاءِ بہ اِنجي مدد ٿئي ٿي، اِن طريقي کي 'ڪانائان گهيل' وقت ڪٿڻ طريقو چئجي ٿو.

# ٣. ڌرتيءَ جا جاندار جُزا

٣.١ ڌرتيءَ جي اُتپتي

٣.٢ ڌرتيءَ تي جاندارن جي پيدائش

٣.٣ ڌرتيءَ تي ساھوارن جي دُنيا.

## ٣.١ ڌرتيءَ جي اُتپتي

اَسان سيني کي ڪجھ سوال اُٿندا ھوندا.

مِثال : اَسان جنھن ڌرتيءَ تي رھون ٿا اُھا ڪيئن نھي، ڪڏھن نھي؟ اُھا جيئن آھي، اَصل کان تيئن ئي ھُئي يا بدلجي ويئي؟ جيڪڏھن اُھا بدلجي تہ اُن ۾ ڪھڙا بدلاوَ آيا؟



ڌرتي

وگيانڪ کوجنائن جي آڌار تي مڃيو ويندو آھي تہ لڳ ڀڳ ساڍا چار اَرب سال اڳ بيحد گرم ھواءِ دز جو نھيل، ھڪ وڏو ڦرندڙ بادل پولار ۾ نھيو. تيز گول ڦيري سبب اُھو ورھائجي سِج ۽ سج چوڌاري ڦرندڙ ٻيا گره نِرماڻ ٿيا. اُنھن جا نالا آھن ١. ٻُڌ ٢. شڪر ٣. ڌرتي ٤. منگل ٥. وسپت ٦. شني ٧. يورينس ٨. نيپچون.

## ٣.٢ ڌرتيءَ تي جاندارن جي پيدائش

مٿين سيني گرھن مان ڌرتيءَ تي جاندار دنيا آھي. ڌرتيءَ جي اُتپتيءَ کان پوءِ اُنجو مٿاڇرو ٿڌو ٿي اُنتي پاڻي نِرماڻ ٿيڻ لاءِ لڳ ڀڳ ٨٠ ڪروڙ سال لڳا. پاڻيءَ ۾ قسمين قسمين ھڪ جُزي وارا ساھوارا پيدا ٿيا. 'آدي جيوَ' نالي سان سڏجندڙ اُنھن يڪ جُزي ساھوارن مان پوءِ گھڻجُزي ساھوارا پيدا ٿيا. يڪ جُزي ساھوارا سوُکيم ھوندا آھن. اُھي فقط اکين سان ڏسي نہ سگھبا آھن. اُنھن کي ڏسڻ لاءِ خوُردبينيءَ جي ضرورت ٿئي ٿي.



يڪ جُزي ساھوارو خوُردبينيءَ ھيٺ



خوُردبيني

## ٣.٣ ڌرتيءَ تي ساهوارن جي دنيا

ڌرتيءَ تي جاندار سرشتيءَ ۾ ساهوارا ۽ ونسپتي ٿين ٿا. اُنهن مان ساهوارن جي باري ۾ اَسين هِتي ويچار ڪنداسين. ساهوارن جون ڪجهه خاصيتون آهن.

١. ساهوارا ساهه کڻن ٿا.

٢. ساهوارا کاڌي لاءِ ٻين سببن ڪري چرپر ڪن ٿا.

٣. ڪُجهه ساهوارا آنا لاهيندا آهن، جن مان ٻچا نڪرندا آهن. ڪجهه ساهوارا ٻچن کي جنم ڏيندا آهن.



ساهوارن جي دُنيا

# اَڀياس

**١. هر هڪ جو جُملي ۾ جواب لکو:**

(١) ’يڪ جُزي ساهوارو‘ ڏسڻ لاءِ ڇا جي ضرورت پوي ٿي؟

(٢) يڪ جُزي وارا ساهوارا ڪيئن پيدا ٿيا؟

**٢. هيٺين سوالن جا جواب ٿوري ۾ لکو.**

(١) سج ۾ اُنجي چوڌاري ڦرندڙ ٻيا گرهه ڪيئن ٺهيا؟

(٢) ساهوارن جون ٻه خاصيتون لکو.

**٣. ڏنل خاڪي ۾ پنجن گرهن جا نالا ڳولهي اُنهن تي گول پايو.**

| | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|
| س | ج | ہ | ڏ | ش | ھ |
| ڏ | و | م | ن | ڪ | يوُ |
| ر | س | ن | چو | ر | ري |
| تي | پ | گ | پ | ش | ن |
| ط | ت | ل | ني | ني | س |

**٤. ڏنل گهٽنائون وقت جي سلسلي موجب لکو.**

(١) ڌرتيءَ تي پاڻي ٺهيو.

(٢) سج ۾ اُنجا ٻيا گرهه نِرماڻ ٿيا.

(٣) قسمين قسمين هڪ جُزي وارا ساهوارا پيدا ٿيا.

(٤) گرم هواءَ ذرڙ جو ٺهيل هڪ وڏو ڦرندڙ بادل پولار ۾ ٺهيو.

**عملي ڪم:**

الڳ الڳ آڪار جي گولن جي مدد سان سُورج منڊل جو نمونو (ماڊل) تيار ڪريو.

**مشغُولي:**

جانورن جي باغ ۾ وڃو يا پنهنجي اوسي پاسي ۾ نظر ايندڙ جانورن جي ياداشت ٺاهيو ۽ اُنهنجوُن خاصيتون لکو.

H46T8H

## ڇا توهانکي خبر آهي؟

ڌرتيءَ کانسواءِ ’منگل‘ گره تي زندگي هجڻ جو اِمڪان ڪجهه سائنسدانن کي رهيو آهي. تہ بہ اُن جي حقيقت اڃا ساموُن نہ آئي آهي. ڌرتيءَ وانگر منگل جي مٿاڇري تي جوالامُکي جبل، کاهيوُن، بيابان ۽ برف ڍڪيل قُطبي پاڳا آهن. اُتي ڪاربان ڊاءِ آڪسائيڊ گئس جو اَنداز لڳ ڀڳ ٩٥% آهي. منگل تي پاڻي تمام گَهٽ انداز ۾ آڪسيجن ۽ ٻين ڪجهه گئسن جي موجودگي مِلڻ سان اُتي ساهوارن جي هُجڻ جو اِمڪان اڀيان آيو. اُتان جي مِٽيءَ ۾ نباتات جي واڌ لاءِ ضروري جُزا پڻ مؤجود آهن. اِهي سڀ ڳالهيون سوچي ساهوارن جي، منگل گره تي ساهوارن جي هئڻ بابت وگيانڪ کوجنا جاري آهي. ساهوارن جي زنده رهڻ لاءِ پاڻيءَ جي پاڻياڻي صورت گهربل آهي. منگل جا قطبي پاڳا برف سان ڍڪيل آهن تہ بہ اُتي پاڻياڻي صوُرت ۾ پاڻي گهٽو نہ آهي.

ساهتيہ ۽ فلمن ذريعي ’منگل جا ماڻهوُ‘ جو خيال چڱو مشهور ٿيو، پر اڃ تائين ٿيل وگيانڪ کوجنائن مان مٿين خيال جي پڪ نہ ٿي آهي.

٥ نومبر ٢٠١٣ تي پارت پولار ۾ ’منگل يان‘ موڪليو. اُهو ٢٤ سيپٽمبر ٢٠١٤ تي سڦل ٿيو. اِها هڪ اِتهاسڪ گهٽنا آهي.

# ۴. وڪاس


۴.١ وڪاس جو ويچار

۴.٢ ساهوارن جي وڪاس جون منزلون

۴.٣ ماڻهوءَ جهڙو باندر


## ۴.١ وڪاس جو ويچار

وڪاس لفظ جي معنيٰ آهي، لڳاتار ۽ ڍيمي رفتار سان ٿيندڙ تبديل. ساهوارن جي زندگيءَ جي وڪاس بابت چئبو تہ: ماحول جي تبديلين سان نڀائڻ ۽ پنهنجي وجوُد کي بچائڻ جي ڪوشش ۾ ڪن خاص ساهوارن جي سرير جي رچنا ۾ تبديليون اچن ٿيون. وقت گذرڻ سان اِهي تبديليون ساهوارن جي ايندڙ پيڙهين ۾ موروئي روپ ڌارڻ ڪن ٿيون. اهڙي طرح اَصُلي ساهوارن کان الڳ خاصيتون رکندڙ هڪ نئين اُپ جاتي ظاهر ٿئي ٿي. نئين اُپ جاتي اَصلي ساهوارن جي نسل کان وڌيڪ اُسريل ٿئي ٿي. اِن سلسلي ۾ اَنيڪ بار اصلي جات ختم ٿي ويندي آهي يا وري اَصلي جات مان هڪ کان وڌيڪ اُسريل اُپ جاتيون پيدا ٿينديون آهن. وڪاس جو اِهو ويچار پهريون دفعو چارلس ڊارِوِن نالي سائنسدان چٽيءَ طرح اسان اڳيان رکيو. جيڪي جاتيون بدليل ماحول سان پاڻ کي نڀائي سگهن ٿيوُن، اُهي زنده رهن ٿيوُن، جيڪي اِئين ڪري نٿيوُن سگهن اُهي وڪاس جي سلسلي ۾ ختم ٿي وڃن ٿيون.

پهريائين ڌرتيءَ تي ڊائنوسار جات جوُن اَنيڪ اُپ جاتيون هيون. اِئين چيو ويندو آهي تہ اِهي اُپ جاتيون اَچانڪ ختم ٿي ويوُن. اِئين



ڊائنوسار جوُن الڳ الڳ جاتيون

مڃيو ٿو وڃي تہ ڪنهن اوچتو آيل قدرتي آپدا يا پسگردائيءَ ۾ آيل بدل سدل سبب ڊائنوسار جوُن اُپ جاتيون ختم ٿيون هوُنديون. پر ڊائنوسار جي هڏن جا نِشان مِليا آهن. ٻن پيرن وارن، پرن وارن ڊائنوسار جي ڪن اُپ جاتين، پکين جو روپ اختيار ڪيو هوُندو.



ڊائنوسار جو هڏائون پڃرو



پرن واري ڊائنوسار جو خيالي چٽر

## ۴.۲ ساهوارن جي اوسر جوُن منزلون

جاندارن جي پيدائش جي شروعات آدي جيوَ يڪ جُزي وارن ساهوارن مان ٿي. اِهو اَسان پوئين باب ۾ ڏٺو. يڪ جُزي ساهوارن مان گهڻجُزي ساهوارا پيدا ٿيا. گهڻجزي ساهوارا ڏيري ڏيري اُسرندا ويا. اِن سلسلي ۾ الڳہ الڳہ ورگ جي نباتات ۽ ساهوارن جي پيدائش ٿي.

ساهوارن جي وڪاس جوُن هيٺيون حالتون آهن:

١. **بنا ڪرنگهي وارا ساهوارا:** يعني بنا پُٺيءَ جي ڪنڊي وارا ساهوارا.

مِثل: ڪيڪڙو ۽ گوگل گانءِ.



٢. **ڪرنگهي وارا ساهوارا:** يعني پُٺيءَ جي ڪنڊي وارا ساهوارا.

- جل واسي: مِثال مڇي



- جل ٿل واسي: پاڻي ۽ زمين ٻنهي هنڌ رهندڙ.

مثال: ڏيڏر



- پکي



- ريڙهيوُن پائيندڙ ساهوارا: مِثال نانگ



- کير ڏارائيندڙ ساهوارا: مِثال ڳانءِ.



**کير ڏارائيندڙ ساهوارا :** ڪرنگهي وارن ساهوارن ۾ سيني کان وڌيڪ اُسريل کير ڏارائيندڙ ساهوارا آهن. ماءُ جي پيٽ ۾ ٻار جي پوُري واڌ ٿيڻ کان پوءِ جنم ڏيڻ ۽ پوءِ ڪجهه وقت تائين پنهنجي کير سان اُنکي وڌائڻ، اِهي ڪيترن ئي کير ڏارائيندڙ ساهوارن جون خاصيتون آهن.

ڪجهه اُپ جاتيون اُنهن کان نياريوُن آهن.

اِهي ساهوارا کير ڏارائيندڙ هوُندي به بيدا لاهيندا آهن. اُنهن ۾ بدڪي چهنب وارو کير ڏارائيندڙ ۽ ڪِوليون کائيندڙ ساهوارن جي ڪن اُپ جاتين جا مثال آهن. هيءُ ساهوارا کير ڏارائيندڙ هوندي به بيدا لاهيندا آهن.



بدڪي چهنب وارو



ڪِوليون کائيندڙ

## ۴.۳ ماڻهوءَ جهڙو باندر

ماڻهوءَ جهڙي باندر کي ’ايپ باندر‘ به چوندا آهن. هي باندر گهڻو ڪري وڻن تي رهندو هو. وڻن تي رهندڙ باندر ۾ تبديل نه ٿي. اُهي باندر جي روپ ۾ ئي رهيا. پر ڳاهه وارين ايراضين ۾ سندن ڪن اُپ جاتين کي زمين تي رهڻ ضروري ٿي پيو. اُها اُپ ذاتي اُسرندي ويئي. وڪاس ٿيندي ويئي. ماڻهوءَ جي اُپ جاتي آفريڪا کنڊ ۾ وجود ۾ آئي. اِن ماڻهوءَ کي ئي اَسين ’آدي ماڻهوُ‘ چوندا آهيون. آدي معنيٰ شروعاتي. اڳلي باب ۾ اَسين ماڻهوءَ جي اوسر جو سفر سمجهنداسين.

## اَڀياس

**١. ڏنگين مان مناسب لفظ چونڊي خال ڀريو.**

(١) وڪاس جو ويچار پهريائين --------------- سائنسدان اڳيان رکيو.
(چارلس ڊارون، ولارڊ لبي، لُئي لِڪي)

(٢) ڪرنگهي وارن ساهوارن ۾ سڀ کان اُسريل ساهوارا ----------------- آهن.
(جل واسي، جل ٿل واسي، کير ڏاراڻيندڙ)

**٢. هر هڪ جو هڪ جُملي ۾ جواب لکو.**

(١) پاڻيءَ زمين ٻنهي هنڌ رهندڙ ساهوارن کي ڇا چئبو آهي؟

(٢) آدي ماڻهوءَ جي اُپ جات پهريائين ڪٿي وجود ۾ آئي؟

**٣. سبب لکو.**

(١) ڊائنوسار جون اُپ جاتيون ختم ٿي ويون.

(٢) اَصلي جات کان ڪجهه الڳ خاصيتون رکندڙ هڪ نئين اُپ جاتي ظاهر ٿئي ٿي.

**٤. ڏنل خاڪي ۾ خالي جايون ڀريو:**




**عملي ڪم:** ڊائنوسار جو چِتر تيار ڪريو.

**مشغولي:** بنا ڪرنگهي وارن ۽ ڪرنگهي وارن ساهوارن جا چِتر جمع ڪري ڪاپيءَ ۾ چيڪايو ۽ اُنهنجون خاصيتون لکو.

## ڇا توهانکي خبر آهي؟



چارلس ڊارِون
جنم - ١٨٠٩ موٽ - ١٨٨٢

ع.س. ١٨٥٩ ۾ چارلس ڊارون نالي سائنسدان پنهنجي 'آن دَ اوريجن آف اِسپيشنز' (ساهوارن جي وڪاس بابت) ڪتاب ۾ وڪاس جو ويچار ظاهر ڪيو. ڊارون کان اڳ ڪارل لِنس نالي سائنسدان ساهوارن جي ذاتين جي وڳيانڪ ورهاست ڪرڻ شروع ڪئي هئي. هُنجي ويچار موجب شرير رچنا جي نسبت ۾ باندر جي ڪجهه اُپ ذاتين ۽ ماڻهوءَ جو ناتو ٿي سگهي ٿو. ڊارون پنهنجي پهرئين ڪتاب ۾ وڪاس جي سلسلي ۾ باندر ۽ ماڻهوءَ وچ ۾ کهڙو ناتو ٿي سگهي ٿو، اِن بابت پڪو ويچار نہ رکيو هو. ع.س. ١٨٧١ ۾ هُن پنهنجو ٻيون ڪتاب ڇپايو. جنهنجو نالو هو 'دَ ڊِسينٽ آف مين' (ماڻهوءَ جو ظاهر ٿيڻ) هِن ڪتاب ۾ هُن ڌيان ڇڪائيندي چيو تہ ماڻهوءَ کي پُڇ نہ آهي تہ بہ هُنجي ڀُنيءَ جي ڪنڊي جو هيٺيون هڏو، پُڇ جو بچيل ڀاڱو آهي. اِنسان جي شرير ۾ عقل جو ڏند جهڙيون اڻ ڳهربل ڳالهيون وڪاس ڏيکارين ٿيون. هُن ويچار رکيو تہ آفريڪا جي جهنگل جي گوريلا ۽ چمپازي جهڙن بنا پُڇ وارن باندرن مان ماڻهوُ اُسريو هوندو. هُنجي ويچارن جي پُٺڀرائيءَ جا ثبوت ويهين صديءَ ۾ مِلڻ شروع ٿيا.

# ۵. ماڻھوءَ جو سفر

۵.۱ ماهر ماڻھوءَ کان جديد ماڻھوءُ

۵.۲ تيز پڌيوان ماڻھوءُ سيپيتا

پوئين باب ۾ اَسين ڏٺو تہ ايپ باندر جي وڪاس ٿيڻ سان ’آدي ماڻھو‘ پيدا ٿيو. اڳتي هلي آدي ماڻھوءَ هٿن کي اِستعمال ڪري هٿيار ٺاهڻ شروع ڪيا.

## ۵.۱ ماهر ماڻھوءَ کان جديد ماڻھوءُ

**ماهر ماڻھوءُ:** هٿن جو ڦڙتائيءَ سان اِستعمال ڪندڙ ماڻھو. يعنيٖ ’ماهر ماڻھوءُ‘. هِن ماڻھوءَ جي وجُود جو ثبوت پهريائين آفريڪا کنڊ جي



ماهر ماڻھوءَ جو خيالي چترُ



ماهر ماڻھوءَ دوارانَ ٺاهيل پٿر جا هٿيار

تنزانيا، ڪينيا مُلڪن ۾ مِليو. اِها کوجنا ڪندڙ وگياني لوئي لِڪيءَ هُنکي ’هومو هئبلس‘ نالو ڏنو، ڇو تہ اُنجي نشانن سان گڏ ڪجهہ هٿيار پڻ مليا. لئٽن ڀاشا ۾ ’هومو‘ لفظ جو مطلب آهي ’ماڻھوءُ‘. هئبلس جو مطلب آهي ’هٿن جو هوشياريءَ سان اِستعمال ڪندڙ‘ ماهر ماڻھوءُ ٻن پيرن تي بيهي هلي سگهندو هو پر اُنجو ڳُنيءَ جو ڪندو پورو سِڌو نہ هو. اُن ۾ اجا ڪُٻُ نڪتل هو. هِن ماڻھوءَ جو دماغ، ايپ باندر کان وڏو هو. اُنجي هٿن پيرن ۽ چهري جون خاصيتوُن ايپ باندر جهڙيوُن هيون.

ماهر ماڻھوءَ دواران ٺاهيل هٿيار وڏن جانورن جو شڪار ڪرڻ لاءِ ڪارائتا نہ هئا. ماس ڪٽڻ، مغز ڪيڍڻ، هڏا ٽوڙڻ وغيره ڪمن لاءِ ئي سندن اِستعمال ٿيندو هو. تنهن ڪري اَنوُمان لڳائجي ٿو تہ هوُ ٻين جانورن دواران ڪيل شڪار جو رهيل سهيل ماس کائيندو هو، ننڍن جانورن جو شڪار ڪندو هو ۽ کائڻ لاءِ بيضا، ڦل، ڳنڊيوُن ڀاڙوُن جمع ڪندو هو.

**اُڀي ڪرنگهي وارو ماڻھو:** ’اُڀي ڪرنگهي وارو ماڻھوءُ‘ جي وڪاس جو دوُر ڏاڍو اهميت وارو آهي. اِريڪٽس جو مطلب آهي سِڌو بيهندڙ. تنهن ڪري هِنکي ’هومو اِريڪٽس‘ نالو پيو. ماهر ماڻھوءَ جي ڀيٽ ۾ هُنجو دماغ وڌيڪ ترقي ڪيل هو. هوُ ٽولن ۾ رهندو هو.

جهنگل ۾ لڳندڙ باهين مان ماڻھوءَ کي باهہ جي سڃاڻپ ٿي. اُڀي ڪرنگهي وارو ماڻھوءُ وڻن جوُن ٻرندڙ ٽاريون آڻي باهہ جو اِستعمال ڪرڻ سکيو هوندو. اُن وقت ڌرتيءَ جو ڇڱو

متاڇرو برف سان ڍڪيل هوندو هو. تنهن ڪري آبهوا ٿڌي هُئي. باهه جي اِستعمال سبب هوُ تمام ٿڌي آبهوا ۾ ٽِڪاءُ ڪري سگهيو. پر باهه پيدا ڪرڻ جي ڪلا اڃا هُن حاصل نه ڪئي هئي.

هُنجا هٿيار پڻ پهرين جي ڀيٽ ۾ سُڌاريل ۽ وڌيڪ ڪارائتا هئا. اُهي ڪُهاڙيءَ جهڙا هٿيار ٺاهيندو هو. اَفريڪا، ايشيا ۽ يوُرپ کنڊ ۾ اُڀي ڪرنگهي واري ماڻهوءَ جي نشانن سان گڏ اُنجا ٺاهيل هٿيار پڻ مِليا آهن.



اُڀي ڪرنگهي وارو ماڻهوُ ڪُهاڙيءَ جهڙو پٿر جو هٿيار واپريندو هو



اُڀي ڪرنگهي واري ماڻهوءَ جو خيالي چِٽر

**بلوان ماڻهوُ:** ماڻهوءَ جي وڪاس جي اڳيان هڪ منزل آهي، بلوان ماڻهوُ. هُنجو شرير مضبوط هو. هِنجا نشان پهريائين جرمني ديش جي نِئينڊرٿل وٽ مِليا، تنهن ڪري هُنکي 'نئينڊرٿل ماڻهو' چوندا آهن. هُنجو دماغ 'اُڀي ڪرنگهي واري ماڻهوءَ' کان وڌيڪ ترقي ڪيل هو.



بلوان ماڻهوُ

بلوان ماڻهوُ گهڻو ڪري غُفائن ۾ رهندو هو. هوُ گول پٿر ۽ تراشيل پٿرن مان نڪتل چلڪن، ٻنهي مان جُدا جُدا آڪار جا هٿيار ٺاهيندو هو. اُهي ڊگهي هڏي يا لڪڙيءَ جي ڏنڊي تي ڪُپائي ڀالو، ڪُهاڙو وغيره هٿيار ٺاهيندو هو. هوُ وڏن جانورن جو شڪار ڪندو هو. چمڙيءَ تي لڳل ماسُ جدا ڪرڻ لاءِ پٿر جي چلڪن مان ٺاهيل اوزار جو اُپيوگ ڪندو هو. چمڙي جا ڪپڙا واپريندو هو. هوُ مکيه طور ماس کائيندڙ هو. هوُ باهه تي ڪاڏو ٻچائي کائيندو هو. سخت ڪاٺ يا چقمقي پٿر هڪ ٻئي سان گسائي چڻگ سان باهه ٻارڻ جي ڪلا هِن پرائي ور تي هئي. (شايد هُن ڪجهه ڪلاتمڪ هُنر به پرايا هجن. ڪُجهه سائنسدانن جي ويچار موجب هوُ ڪجهه ننڍڙا آواز ڪري

گفتگوُ ڪندو هو. من جي ڳالهه لفظن ۾ ٻڌائڻ جي ڀاشا جو سرشتو اڃا ڪُهن وٽ هو يا نه اِهو پڪ نه آهي).

ٻلوان ماڻهوُ پنهنجي ٽوليءَ جي ڪنهن ڀاتيءَ جي موت کان پوءِ اُن کي دفنائڻ مهل لاش سان گڏ هٿيار، جانورن جا سڱ وغيره شيوُن به پوُريندو هو. هوُ مُئل ماڻهوءَ جي شرير کي ڳاڙهي مِٽي لڳائيندو هو. اِن مان لڳي ٿو ته ٻلوان ماڻهوءَ جي زماني ۾ مُئل ماڻهوءَ جي دفن جون ڪجهه رسموُن هيوُن.

وقت گذرندي ٻلوان ماڻهوءَ جي ڪن ٽولين آفريڪا مان ٻاهر نڪري يوُرپ ۽ ايشيا کنڊ ۾ لڏپلاڻ ڪئي. هُنکي اُتي الڳ آبهوا ۾ رهڻو پيو. هُنکي جيئڻ ۽ کاڌو حاصل ڪرڻ جا نوان طريقا سکڻا پيا. تنهن ڪري هُنجي جيئڻ لاءِ گهربل هٿيارن ۾ سُڌارو ٿيو. پر اُنهن ڳالهين ۾ هزارين سالن جو عرصو لڳو.

ٻلوان ماڻهوءَ کان وڌيڪ ترقي ڪيل ماڻهوءَ کي 'ٻڌيوان ماڻهوُ' ڪري سُڃاتو وڃي ٿو. اِن بابت اَسين اڳتي سکنداسين. ٻلوان ماڻهوءَ ٻڌيوان ماڻهوُ ڪجهه عرصو يوُرپ ۾ گڏ رهيا. پوءِ ٻڌيوان ماڻهوءَ جي ٽولين جي لڙائي، پسگردائيءَ جي بدل سدل سان پاڻکي نه ٺهڪائي سگهڻ وغيره سبب ٻلوان ماڻهوءَ جو وجود ختم ٿيو هوُندو. اٽڪل ۳۰۰۰۰ سال اڳ ٻلوان ماڻهوُ ختم ٿي ويو، اِئين ڪاربان-۱۴ طريقي جي آڌار تي چيو وڃي ٿو.

**ٻڌيوان ماڻهوُ:** پاڻ کان اڳ واري ڪنهن به ماڻهوءَ جي ڀيٽ ۾ سوچڻ جي وڌيڪ طاقت واري ماڻهوءَ کي 'ٻڌيوان ماڻهوُ' چيو ويو. هِنکي ئي 'هومو سيپين' چئجي ٿو. 'سيپين' مطلب ٻڌيوان. يورپ ۾ هُنکي 'ڪرومئنان' نالي سان سڃاڻجي ٿو. ٻڌيوان ماڻهوءَ جا نشان آفريڪا، ايشيا ۽ يوُرپ کنڊ ۾ مليا آهن. هوُ ضرورت موجب جُدا جدا قسمن جا هٿيار ۽ اؤزار ٺاهيندو هو. اِن لاءِ هوُ پٿر جو ڦر ڪيدي، هڏي يا لڪڙيءَ جي ڏنڊي ۾ کُپائيندو هو.

وکاس جي سلسلي ۾ ٻڌيوان ماڻهوءَ جا ڳالهائڻ جا حواس به وکست ٿيا هئا. هوُ آواز جي باريڪين سان گڏ جُدا جُدا اُچار ڪري پيو سگهي.



ٻڌيوان ماڻهوُ

هِنجي جاڙي ۽ وات جي ٻين مُشڪن جي پڻ واڌ ٿي ويئي هئي. هُنجي جيڀ به لچڪئي هُئي. اِن سان هوُ جدا جدا آوازن جو اُچار ڪري آواز کي گهربل نموُني موڙي پيو سگهي. هوُ شين ۽ پنهنجي ويچارن کي لفظن ۾ چئي سگهي پيو. اُنهن جو اُچار پڻ ڪري سگهي پيو. مطلب ته هُن وٽ واڌارو ڪيل ٻوليءَ جو سرشتو هو. چڪاس ۽ خيالي شڪتيءَ سان چتر ڪڍي سگهي پيو. هوُ ڪلاتمڪ شيوُن ناهڻ لڳو هو. تنهن ڪري هِن کي ’ٻڌيوان ماڻهوُ‘ يا ’ويچاروان ماڻهوُ‘ نالو ڏنو ويو.



اِشارن جي ڀاشا

## ۵.۲ تيز ٻڌيوان ماڻهوُ ۽ سيپينا

تيز ٻڌيوان ماڻهوءَ ٻڌيوان ماڻهوءَ جي ويچار ڪرڻ جي شڪتي وڌي ويئي ته هُنکي تيز ٻڌيوان ماڻهوُ نالو مِليو. هِنکي ئي ’هومو سيپين سيپين‘ چئجي ٿو. هُنجي دماغي شڪتي ۽ سمجهڻ جي شڪتي لڳاتار وڌندي ويئي.

’تيز ٻڌيوان ماڻهوُ‘ يعني جديد ماڻهوُ مطلب ته اَسان. ماڻهوءَ جو رنگ روُپ، صحت بابت خاصيتون وغيره ڳالهيوُن اُنجي وڏن سان ميل کائين ٿيون. اُنکي موروثي ڳالهيون چئجي ٿو. اُنجو اَڀياس ڪندڙ وگيان کي وساوَلي (genealogy) چئجي ٿو. اُن وگيان جي کوجنا سان پتو پيو آهي ته جديد ماڻهوءَ ۾ ٻلوان ماڻهوءَ جا ڪي جزا مِليا آهن. چئي سگهجي ٿو ته ٻلوان ماڻهوُ ۽ ٻڌيوان ماڻهوُ جديد ماڻهوَ جا بزرگ هئا. عيسوي سنه کان اڳ اَٽڪل ۱۱۰۰۰ سال کان عيسوي سنه کان اڳ اَٽڪل ۱۰۰۰۰ سال ڌاري جديد ماڻهوءَ جانور پالڻ ۽ کيتي ڪرڻ جا نوان طريقا ايجاد ڪيا. هُنجي وڌيل خيالي شڪتيءَ سبب ڪاريگريءَ ۾ لڳاتار واڌارو ٿيندو ويو. هوُ ٽانئيڪو جيون جيئڻ لڳو. کيتيءَ ۾ اَناج جي پيدائش سبب اُنجي کاڌي ۾ نشاستي وارا پدارٿ شامل ٿيا. جنهن ڪري اُنجي کاڌي ۾ ڪاربوهائڊريٽس جو اَنداز وڌيو.

زندگي ۽ کاڌي ۾ بدل سدل سبب ڌيري ڌيري ماڻهوءَ جي شروعاتي مضبوُط شرير رچنا بدلجي ۽ اُنجي مُهانڊي ۾ فرق آيو.

جديد ماڻهوءَ جو ’تيز ٻڌيوان ماڻهو‘ نالو سندس بدني طاقت کان وڌيڪ دماغي ۽ سيپٽڪ قابليت کي ڏيکاري ٿو. کاڌو حاصل ڪرڻ جي ٻنيادي گهرج سڀ ساهوارا پوُري ڪن ٿا، پر جديد ماڻهوُ فقط اُن ۾ سنتوشي نه آهي. نوان ويچار، ٻڌيماني ۽ هوشياريءَ سان پنهنجو جيون لڳاتار خوشحال بڻائڻ جي ڪوشش ڪري اِنساني سيپينا جي ترقي ٿي ۽ اُها وڌندي رهي. جانور

پالڻ ۽ ڪيتي ڪرڻ کان وٺي ماڻهوءَ جو ڪاريگري ۽ سيپيتا جي واڌاري جو سفر تيز رهيو آهي.
ماڻهوءَ جهڙي باندر کان شروع ٿيل ماڻهوءَ جي واڌاري جو سفر جُدا جُدا حالتن ۾ ورهايل آهي. اُنهن حالتن جي مدد سان اِنساني سيپيتا جي جدا جدا ڪيترن جو اَڀياس اَسين ايندڙ بابن ۾ ڪنداسين.

## اَڀياس

**١. خالن ۾ مُناسب لفظ لکو.**

(١) لٹن پاشا ۾ ---------- لفظ جو مطلب آهي ماڻهوُ.

(٢) ٻلوان ماڻهوُ مکيہ طور ---------- ۾ رهندو هو.

**٢. هرهڪ جو هڪ جُملي ۾ جواب لکو:**

(١) هٿ جي کُهاڙي ڪنهن ناهي؟

(٢) موروثي ڳالهين جو مطلب ڇا؟

**٣. هيٺين بيانن جا سبب لکو.**

(١) ٻلوان ماڻهوءَ جو وجوُد ختم ٿي ويو.

(٢) ٻڏيوان ماڻهوُ آواز کي گهربل نموني موڙي سگهندو هو.

**۴. ڏنل لفظي ڳجهارت حل ڪريو (گڏيل اکر لِکي سگهجن ٿا)**

| | | | | | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|---|---|---|
| | | ٢ | | | | | | | ١ |
| ٥ | | | ۴ | | | | ٣ | | |
| | | | | ٦ | | | | | |
| | | ٨ | | | | | ٧ | | |
| | | | | | | | | | |
| | | ١٠ | | | | | ٩ | | |

H4PKBX

**آڏا لفظ:**

١. اُڀي ڪرنگهي وارو ماڻهوُ XXXXXXX

٢. اُڀي ڪرنگهي واري ماڻهوءَ کي XX پيدا ڪرڻ جي ڪلا جي ڄاڻ هئي.

٣. ٻلوان ماڻهوءَ جا نشان پهريائين XXXX ديش ۾ مِليا

٧. ٻڏيوان ماڻهوُ چڪاس ۽ خيالي شڪتيءَ سان XXX ڪيڻ لڳو.

٩. XXXX جو مطلب ٻڏيوان

١٠. ٻلوان ماڻهوءَ XXX مان هٿيار ٺاهيا.

**اُڀا لفظ:**

١. هُنرمند ماڻهوُ XX XXXX.

۴. هُنرمند ماڻهوءَ جي وجود جو ثبوت XXX ديش ۾ مِليو.

٥. اُڀي ڪرنگهي وارو ماڻهوُ XX XXXX جهڙا هٿيار ٺاهيندو هو.

٦. ٻڏيوان ماڻهوءَ کي يورپ ۾ XXXX نالي سان سڃاڻيندا هئا.

٨. ٻلوان ماڻهوُ آواز ڪڍي هڪ ٻئي سان XXXX ڪندا هئا.

**عملي ڪم:** هُنرمند ماڻهوءَ کان وٺي ويچاروان ماڻهوُاِن سفر ۾ ماڻهوءَ جي الڳ الڳ حالتن ۾ ٿيل واڌاري جو نِسبتي (ڀيٽ وارو) چارٽ تيار ڪريو.

## چا توهانکي خبر آهي؟

اِنساني وڪاس جي اِتهاس جو بيان پوريءَ طرح اڄ تائين مِليل اِنساني هڏن جي پٿر ٿيل نِشانن تي آڌارت آهي. مُئل ساهوارن جي سرير جو تفرق ٿي اُنهنجا هڏا پڪڙجي ويندا آهن. سالن تائين مِٽيءَ ۾ هئڻ ڪري هڏن جي سوراخي وٿين ۾ معدني پدارٿ جمع ٿي وڃن ٿا. هڏن جو پوُريءَ طرح تفرق ٿيڻ کان پوءِ معدني پدارٿ هڏن جي شڪل ۾ رهندا آهن. هڏن جي آڪار جي اُنهن پٿرن کي ’ساهوارن جا پٿر ٿيل نشان‘ چئبو آهي.

آفريڪا، ايشياءَ يوُروپ جي الڳ الڳ مُلڪن ۾ ساهوارن جا اهڙا پٿر ٿيل نشان مِليا آهن. ماڻهوءَ جي وڪاس جو سلسلو اهڙن پٿر ٿيل نشانن جي آڌار تي بيان ڪجي ٿو، پر اُن جا سڀ ثبوت اڃا نہ مليا آهن. اِئين لڳي ٿو تہ اِنساني وڪاس هڪ سِڌي ليڪ واري سلسلي ۾ وڏي پيڙهيءَ کان ننڍي پيڙهيءَ ۾ نہ ٿي آهي. ڪنهن بزرگہ اُپ جات جي وڪاس ۾ اُنجون شاخائون پيدا ٿيون، جن مان ڪجھ ختم بہ ٿي ويوُن.

اُنهن اُپ جاتين جون شاخائوُن وڪاس جي سلسلي ۾ هڪ ٻئي سان ڪيئن جُڙيل هيوُن سو ٻڌائڻ ڏکيو آهي. اِنساني سيپتا جي حالتن جي نظريي سان ڪُجھ اُپ جاتين جو اَڀياس ڪرڻ ضروري آهي. ماڻهوءَ دواران ٺاهيل هٿيار ۽ ٻين شين جي آڌار تي اِتهاس جو بيان ڪرڻ ممڪن ٿئي ٿو تنهن ڪري هُنرمند ماڻهوُ ← اُڀي ڪرنگهي وارو ماڻهو ← ٻلوان ماڻهو ← ٻُڌيوان ماڻهوُ اُنهن چئن اُپ جاتين جو اَڀياس اَسان هِن پاٺ ۾ ڪيو.

**اِنساني شرير رچنا جوُن خاصيتون :** ڪرنگهي وارن ٻين ساهوارن جي ڀيٽ ۾ اِنساني شرير رچنا جوُ خاصيتون الڳ آهن. اُنهن سبب هوُ ٻين ساهوارن کان الڳ آهي. مکيہ خاصيتون هيٺ ڏنل آهن:

١. ماڻهوُ اُڀو بيهي سگهي ٿو. اُن سان هوُ ٻن پيرن تي هلي سگهيو. ٻيا ساهوارا اُڀو بيهي نہ سگهڻ ڪري چئن پيرن تي هلندا آهن.
٢. ماڻهوُ موُل چئن پيرن مان اڳين ٻن پيرن جو اُپيوگہ هٿن جي روُپ ۾ ڪري سگهيو. ماڻهوءَ جي هٿن جي بناوت ٻين ساهوارن جي اڳين پيرن جي ڀيٽ ۾ الڳ ٿي.
٣. ماڻهوُ هٿ جو آڱوُٺو چئن آڱرين سامهوُن آڻي ڦيرائي سگهندو آهي. جنهن سان هوُ شين کي مضبوطيءَ سان الڳ الڳ نموني جهلي سگهندو آهي. هوُ اُن خاصيت سبب دستڪاري ڪري سگهي ٿو جيڪو ٻيا ساهوارا نٿا ڪري سگهن. هوُ شيون بہ گهڙي سگهي ٿو. تنهن ڪري هُنکي ساڌن، هٿيار، اؤزار ٺاهڻ وارو ساهوارو چئجي ٿو.
۴. ماڻهوءَ جي دماغ جي شڪتي ٻين ساهوارن کان وڌيڪ آهي. هوُ ٻين ساهوارن کان وڌيڪ ويچار ڪري سگهي ٿو.
۵. ماڻهوُ پنهنجي چهري جي مُشڪن سان من جا احساس ظاهر ڪري سگهي ٿو.
٦. ماڻهوءَ کي الڳ الڳ آوازن جو اُچار ڪرڻ لاءِ اُپيوگي گلو، وات جوُن مُشڪون ۽ لچڪٽي جڀ مِليل آهي پر اهڙو گلو ٺهڻ ۾ اُن سان ڳالهائڻ لاءِ هزارين سال لڳي ويا.





# ٦. پٿر يُگ : پٿر جا هٿيار

٦.١ ضرورت موجب هٿيارن جا آڪار ۽ قسم

٦.٢ پٿر يُگ جا هٿيار

## ٦.١ ضرورت موجب هٿيارن جو آڪار ۽ قسم

سمجهو، اَسان ڪا چمڪندڙ شيءِ زمين ۾ قاتل ڏٺي، اُها ٻاهر ڪڍڻ لاءِ اَسين ڇا ڪنداسين؟ شايد پهريائين تہ آڱر سان کوٽي ڏسنداسين. نہ تہ ڪنهن ڪاٺيءَ سان ڪڍي ڏسنداسين. تہ بہ نہ ٿيو تہ کو ڇُهنبدار پٿر ڳولهينداسين. نہ تہ آخر ۾ لوهي شيخ آڻبي. مطلب تہ گهُرج موجب ساڌن چُونڊڻو پوي ٿو.

هينئين چئن ڳالهين تي ساڌنن جي چُونڊ مدار رکي ٿي.

١. ساڌن جي مؤجودگي

٢. گهٽ ۾ گهٽ وقت ۽ شڪتيءَ جو اِستعمال

٣. وڌ ۾ وڌ اَثردار

٤. ساڌن اِستعمال ڪرڻ جو طريقو

چنپازيءَ جهڙا باندر بہ ڪکڙيُون يا سخت کل وارا ڦل ڀڃڻ لاءِ پٿر جو ۽ ڪئليُون پڪڙڻ لاءِ تيلين جو اِستعمال ڪندا آهن. ماڻهوُ بہ مئل ساهوارن جا هڏا، پٿر، ڪاٺين ۽ تيلين وغيره ساڌنن جو اِستعمال ڪندو هو.

لڳاتار جاچ، اِستعمال ۽ ڪلپنا شڪتيءَ سان ماڻهوءَ کي ڄاڻ پيئي تہ ڪاٺيُون، تيليون، هڏا ۽ پٿر چلڻ سان ڪم سؤلائيءَ سان ٿئي ٿو. اِنهن شين کي گهربل آڪار پڻ ڏيئي سگهجي ٿو.

پوئين باب ۾ اَسان ڏٺو تہ ماهر ماڻهوءَ سان گڏ پٿر جي هٿيارن جا نشان مِليا. نشانن سان گڏ هٿيار مِلڻ ڪري اِئين چئي سگهجي ٿو تہ اِهي هٿيار هُن ٺاهيا هئا. پر ڇا هوُ فقط پٿر جا هٿيار ۽ اؤزار ٺاهيندو هو؟ جواب آهي ’نہ‘. ڇو تہ هوُ ٻين شين مان پڻ هٿيار ٺاهيندو هو. ماڻهوءَ دواران لکين سال اڳ ٺاهيل هٿيارن مان، پٿرن جا ٺاهيل هٿيار ڇڱا مِلن ٿا. هڏن جا هٿيار گهٽ اَنداز ۾ مِلن ٿا. ڪاٺين ۽ تيلين جهڙن ناسوَنت شين مان ٺهيل هٿيار سؤلانٿا مِلن.

## ٦.٢ پٿر يُگ جا هٿيار

اُهو وقت جنهنجي هٿيارن ۾ مکيہ طور پٿرن جا هٿيار مِلن ٿا، تنهن کي پٿر يُگ (اَشم يُگ) چئجي ٿو. اَشم معنيٰ پٿر.

پٿر ۽ هڏن مان ٺاهيل هٿيار.

١. گول پٿر جو ڀڃڻ لاءِ اؤزار

٢. چلڪن مان ٺاهيل اوزار

٣. گول هٿوڙو

٤. پٿر جي چلڪن ڀڃڻ جو اؤزار

٥. هڏي جو سوُئو

٦. سِڱ جو تيکو جهڙو اؤزار



هٿيارن جي آڪار ۽ قسمن موجب پٿر يُگ
کي ٽِن ڀاڱن ۾ ورهايو ويو آهي.

١. پراچين پٿريُگ
٢. وچولو پٿريُگ
٣. نئون پٿريُگ

**پراچين پٿريُگ:** پراچين پٿريُگ ۾ هُنرمند ۽ اُپي ڪرنگهي وارن بنهي ماڻهن 'ڏڪ هٿڙ جي ڪلا' سان هٿيار ٺاهيا. هڪ پٿر ٻئي پٿر تي هڻي پٿر جا چلر ڪيڻ کي 'ڏڪ هٿڙ جي ڪلا' چئجي ٿو. هِن ڪلاسان ٺاهيل پراچين پٿر يُگ جا شروعاتي هٿيار بيڍؤلا هئا. اُنهنجي فقط هڪ پاسي ئي ڌار هئي. اُنهنکي 'ٽوڙڻ جا هٿيار' چئجي ٿو. اُنهنجو اُپيوگ فقط سخت ڪل جي شين يا هڏا ڀڃڻ لاءِ ٿيندو هو. اِن مان ڄاڻ پوي ٿي ته هُنرمند ماڻهوُ شڪار ڪرڻ ۾ ماهر نه هو. هوُ پٿرن جا نڪتل تکا چِلر چمڙيءَ مان ماس ڪيڻ، ماس جا ٽُڪر ڪرڻ، ڪاٺي چلڻ وغيره ڪمن لاءِ واپريندو هو.

هُنرمند ماڻهوءَ کان اُپي ڪرنگهي واري ماڻهوءَ دواران ٺاهيل هٿيار وڌيڪ ڍؤلائتا هئا. ڍؤلائتا هٿيار ۽ اوزار ٺاهڻ لاءِ اُنهنکي من ۾ آڪار ڏيٺو پوندو آهي. اُپي ڪرنگهي وارو ماڻهو پهريان من ۾ هٿيارن جو آڪار سوچيندو هو. پٿر جا چلڪا ڪرڻ لاءِ هُن سانبر هرڻ جي سِڱ جهڙيون شين جو هٿوڙو ٺاهيو. نڪتل چلڪن جي پاسن کي ٽِڪوڪري هُن سنهي ڌار واريون ڇُريون ۽ ڇيٽيون ٺاهيون. يعني هوُ گهرج مؤجب جدا جدا هٿيار ٺاهيندو هو.

سُڌاريل هٿيارن سبب اُپي ڪرنگهي وارن ساهوارن جي ڪاڏي ۾ واڌ ٿي. هاڻي هوُ اَنيڪ ننڍن وڏن جانورن جو شڪار ڪري پيو سگهي. جن ۾ مکيه طور هرڻ، ڪرگوش وغيره وڏا جانور شامل هئا.

ٻلوان ماڻهوءَ جا پٿر جا هٿيار ٺاهڻ ۾ وڌيڪ ترقي ڪئي. هوُ ننڍي آڪار جا هٿيار ٺاهڻ لڳو.

ٻڌيوان ماڻهوءَ پٿرن جا هٿيار ٺاهڻ ۾

سانبر جي سِڱ جو هٿوڙو



وڏن چلڪن مان ننڍا چلڪا ڪيڻ


پٿر جو هٿوڙو
گول پٿر


ننڍن چلڪن مان سنها چلڪا ڪيڻ


ٽوڙڻ لاءِ اوزار


هٿ جي ڪهاڙي

ڪرانتي آندي. هُن پٿر مان ڊگهو، سنهو نيزو ڪڍڻ جي ٽڪنيڪ پرائي. هُن اُنهن ڊگهن نيزن مان ڇُڙيُ، واهلو، سوُئو، ڇيٽي وغيره قسمن جا هٿيار ٺاهيا. هوُ هٿيار ۾ ٻيون شيون ٺاهڻ لاءِ چقمقي پٿر ۾ هاٿي ڏند جهڙين شين جو اِستعمال ڪرڻ لڳو.

ٻُڌيوان ماڻهوءَ هٿيار ٺاهڻ، ماحول جي ڄاڻ ۾ ڪاڏو حاصل ڪرڻ جي ڪلا ۾ چڱو واڌارو ڪيو هو. تنهن ڪري هوُ هڪ جڳهه تي چڱو وقت رهي سگهيو. ٻُڌيوان ماڻهوءَ جون ٽوليوُن جهوپڙيون ٺاهي رهڻ لڳيون. هوُ ڪجهه گڏيل مجلسوُن پڻ ڪرڻ لڳو. ٻُڌيوان ماڻهوءَ جيڪي ڪلاتمڪ شيوُن، غُفا چِٽر تيار ڪيا اُنهن جو لاڳاپو اُنهن مجلسن سان هوُندو. هاڻي هوُ زيوَر اِستعمال ڪرڻ لڳو هو. الڳ الڳ قسمن جي شنڪن، هڏن، جانورن جا ڏندن وغيره مان ٺهيل اُن زماني جا زيور مليا آهن. اهڙيءَ طرح ترقي ڪيل اِنساني سڀيتا جي سفر جي شروعات پراچين پٿر يُگ کان وٺي شروع ٿي ويئي هئي.

ڀارت ۾ پراچين پٿر يُگ جي هٿيارن جا نِشان ڪشمير کان تملناڊوءَ تائين اَنيڪ جڳهين تي مليا آهن. اُن زماني جي ماڻهوءَ جا نِشان ڀارت ۾ گهڻا نہ مليا آهن. مڌيہ پرديش جي هوشنگاباد جي ويجهو نرمدا نديءَ جي ڪناري تي هٿنوراڳوٺ آهي. هِن ڳوٺ ۾ پٿر ٿيل ڪوپڙي ۾ ڪُلهي جي هڏي جا نِشان مِليا آهن. اِهي نشان پراچين پٿريُگ جي ڪنهن عورت جا آهن. اُن ڪانسواءِ پدوُچيري ويجهو هڪ ڳوٺ ۾ اُن زماني جي هڪ ٻار جي پٿر ٿيل ڪوپڙي مِلي آهي. افغانستان ۾ شريلنڪا ديشن ۾ پڻ پراچين پٿر يُگ جي ماڻهوءَ جا ڪجهه نِشان مِليا آهن. مهاراشٽر جي پراچين يُگ جي اِسٿانن مان ناسڪ ويجهو گنگاپوُر ۾ نيواشا ويجهو چِرڪي- نيواسا اِسٿان مشهوُر آهن. گنگاپور گوداوري ندي ۾ چِرڪي نيواسا پَرورانديءَ جي ڪناري تي آهن.



ڀيم بيٽڪا جي پراچين پٿر يُگ جوغُفا چِٽر

**وچولو پٿر يُگ :** هِن يُگ ۾ ٻُڏيوان ماڻهوءَ وِڪ اڳا اُڳتي وڌائي. هُن ڪُتي کي پاليو. وچولي پٿر يُگ ۾ آبهوا ۽ پسگردائيءَ جي بدل سدل سبب ماڻهوءَ جي زندگي بدلجي رهي هئي. ٻُڏيوان ماڻهوُ شڪار سان گڏ، جانور پالڻ ۽ قدرتي نموني وڌيل اَناج کي لُڻڻ لڳو. هوُ سال ۾ ڪجهہ وقت هڪ هنڌ بستي ڪري رهڻ لڳو. هُن جي کاڌي ۾ ونسپتي شامل هئي. اُن وقت ۾ ٻڪريون، رِڍوُن پالڻ جي شروعات ٿي. اُنهن لاءِ ٻُڏيوان ماڻهوءَ کي شڪار ڪرڻ، مڇي مارڻ، لڻڻ، پٽڻ وغيره ڪمن لاءِ اَنيڪ قسمن جي هلڪن ۽ جٽاءُ ڪندڙ هٿيارن جي ضرورت هئي. لڪڙيءَ يا هڏيءَ ۾ کانچو ڪري اُن ۾ ننهن جيترا ڦر سِڌائيءَ ۾ وهاريندو هو. اهڙيءَ طرح هوُ ڇُرين ڏاٽي جهڙا اوزار ٺاهيندو هو.

پارت ۾ اَنيڪ هنڌن تي وچولي پٿر يُگ جا نِشان مليا آهن. راجسٿان ۾ باگور، مڌيہ پرديش ۾ ڀيم ٻيٽڪا، گُجرات ۾ لانگهڻج ۽ مهاراشٽر جي جلگانوَ ضلع ۾ پاٽڻي وچولي پٿر يُگ جا اهميت وارا اِسٿان آهن.

**نئون پٿر يُگ :** نئين پٿر يُگ ۾ گِسائي لسو ڪيل پٿر جا هٿيار تيار ڪندا هئا. نئين قسم جا هٿيار ٺاهڻ سبب اُن زماني کي ’نئون پٿر يُگ‘ نالو ڏنو ويو. نئين پٿر يُگ تائين کيتي ڪرڻ ۽ جانور پالڻ عام ڳالهہ ٿي ويئي. شڪار ڪرڻ پيٽ پالڻ جو مکيہ وسيلو نہ رهي. کيتي ۽ جانور پالڻ مددي ساڌن ٿي پيو.

پارت ۾ اَنيڪ هنڌن تي نئين پٿر يُگ جي

وچولي پٿر يُگ ۾ اوُزارن لاءِ ڪم ايندڙ نيزو ’ڏار وارو تيز‘ ڪلاسان چقمقي پٿرن مان الڳ ڪندا هئا. هي نيزا ننهن جيترا يا اُنهن کان ڪجهہ وڏا هوندا هئا تنهن ڪري اُنهنکي ’سوُڪيم اَسٽر‘ چوندا آهن. چيڙي تي ننڍا نيزا لڳائي تير ٺاهيندا هئا.



ڏار وارو تيز اوزار



نيزا (سوُڪيم اسٽر)



تير جي ڇُهنب جو اُپيوگ



سوُڪيم اَسٽر لڳائي ٺاهيل ڏندن واري ڇُري



هڏن مان ٺاهيل مڇي مارڻ جي ڪُنڍي

سيپيتا جا نِشان مليا آهن. گنگانديءَ جي ماتريءَ ڏکڻ ڀارت ۾ پڻ نئين پٿر يُگ سيپيتا جا استان مِليا آهن.

## اَڀياس

**۱. ڏنگين مان مُناسب لفظ چونڊي خال ڀريو.**

(۱) اُهو وقت جنهن ۾ هٿيارن مان مکيه طور پٿرن جا هٿيار ملن ٿا، تنهنکي ------- چئجي ٿو.
(ٽامو يُگ، لوهه يُگ، پٿر يُگ)

(۲) مهاراشٽر جي پراچين پٿريُگ جي اِستانن مان ناسڪ جي ويجهو ----- مشهور آهي.
(گنگاپور، سِنر، چاندوڙ)

**۲. هينين مان وچولي پٿريُگ جي اِستانن جو غلط جوڙو سچاڻو.**

(۱) راجستان - باگور
(۲) مڌيه پرديش - ڀيم بيٽڪا
(۳) گُجرات - لانگهڻج
(۴) مهاراشٽر - ويجاپوُر

**۳. هينين سوالن جا ٿوري ۾ جواب لکو.**

(۱) 'ڏکڻ هٽڻ جي ڪلا' جو اُپيوگ ماڻهوءَ ڪيئن ڪيو؟

(۲) پُڏيوان ماڻهوءَ پٿرن جا هٿيار ناهڻ جي ڪلا ۾ ڪهڙي ڪراني آندي؟

**۴. پراچين، وچولي ۽ نئين پٿر يُگ جي هٿيارن جي ڀيٽ ڪريو.**

**۵. هينين مان ڪهڙي جديد مشين ۾ پٿر جو اِستعمال ڪيو ويندو آهي؟**

(۱) مِڪسر
(۲) ڪڻڪ پيهڻ جي چڪي
(۳) مصالح ڪُٽڻ جي مشين

**۶. ڀارت جي نقشي ۾ هينيان اِستان ڏيکاريو.**

(۱) پراچين پٿر يُگ جو مهاراشٽر ۾ هڪ اِستان.
(۲) نئين پٿريُگ سيپيتا جا نِشان ملندڙ نديءَ جي ماٿري.
(۳) وچولي پٿريُگ جو مڌيه پرديش ۾ هڪ اِستان.

**مشغوُلي :**

توهانجي پسگردائي ۾ الڳ الڳ ڌنڌن ۾ اِستعمال ٿيندڙ اوزارن جي ڄاڻ حاصل ڪريو ۽ اُنهنجو ورگيڪرڻ (ورهاست) ڪريو.



پٿر يُگ جي ڪُهاڙي

□□□

# ٧. اَجهي کان ڳوٺ جي بستي

٧.١ اَجهو
٧.٢ عارضي ٺڪاڻو
٧.٣ ڳوٺ-بستي

## ٧.١ اَجهو

اَسان پنجين باب ۾ پڙهيوسين تہ ٻلوان ماڻهوُ مکيہ طوُر غفائن ۾ رهندو هو. اُن وقت يوروپ ۾ چمائيندڙ ٿڌ هوُندي هئي. باهہ جي اُپيوگہ ۽ چمڙي جا ڪپڙا پائي هُن ٿڌ کان پنهنجو بچاءُ ڪيو. اجا وڌيڪ بچاءُ لاءِ هُن جانورن جي کل

## ٧.٢ عارضي ٺِڪاڻو

وچولي پٿريُگہ ۾ ٻڌيوان ماڻهوءَ جي ٽولن سچي دنيا ۾ بستيون ٺاهيوُن هيون. وچولي پٿريُگہ ۾ آبهوا گرم ٿيڻ لڳي. هرهنڌ واتاورڻ بدلجڻ لڳو. تنهن ڪري ماڻهوءَ جي ڪاڏي ۾ بہ بدلاوَ ٿيڻ لڳو.

وڏي پئماني تي ٿيل شڪار ۽ پسگردائيءَ ۾ بدل سدل سبب وچولو پٿريُگہ ايندي ايندي مئموت جهڙا وشال ساهوارا ختم ٿيڻ لڳا. تنهن



ٻلوان ماڻهوءَ دوران فرانس جي هڪ غفا ۾ ٺاهيل ٻن ڪمرن جو گرم تنبوُ

واپرائي، گرم تنبوُ کڙا ڪيا. ضرورت پوَڻ تي هُن کُليل جڳهہ تي بہ جهوپڙيون ٺاهيون.

ڪري ٻڌيوان ماڻهوُ شڪار ڪرڻ سان گڏ وڏي پيماني تي مڇي مارڻ لڳو. هوُ جهنگلي سوُئر،

مئموت، هاٿيءَ جي شروعاتي ونس جو هو. پر هاٿيءَ جي ڀيٽ ۾ هوُ تمام وڏو هو.





هاٿي

هرڻ، ٻڪري، رِڍَ جهڙن ننڍن ساهوارن جو وڏيڪ شڪار ڪرڻ لڳو.

ڪاڏي ۾ تبديل سبب ٻُڏيوان ماڻهوءَ جا ٽولا دور دور پرديش ۾ بدلجندڙ آبهوا موجب هوُ الڳ الڳ هنڌن تي عارضي بستي ڪري رهڻ لڳا. آبهوا موجب اَناج لُٽڻ، ڦل ۽ پاڙوُن، ڳنڊيوُن جمع ڪرڻ جهڙا ڪم ڪندا هئا. مُندُن ڪي خيال ۾ رکي مڇي مارڻ جو ڪم ڪرڻ لڳا. ڪهڙي هنڌ شڪار وڌيڪ ملندو اِهو جاچڻ لڳا. مٿين سببن ڪري هوُ ڪجهه وقت هڪ هنڌ رهڻ لڳا. جهنگل جي وڻن کي ٽوڙي کُليل جڳهه تي عارضي ٽڪاڻو ٺاهي رهندا هئا.


وچولي پٿر يُگ جي عارضي ٽڪاڻي جو خيالي چٽر



نئين پٿر يُگ واري ڳوٺاڻي بستيءَ جو خيالي چٽر

## ٧.٣ ڳوٺاڻي بستي

نئين پٿريُگ جي ماڻهوءَ جي رهڻي ڪرڻي پراچين ۽ وچولي پٿريُگ جي ماڻهوءَ جي رهڻي ڪرڻيءَ کان بلڪل الڳ هئي. هِن زماني ۾ ماڻهوءَ اَناج جو پيدا ڪندڙ بڻيو. کيتيءَ جي شروعات نئين پٿريُگ سڀيتا جي خاصيت آهي. کيتيءَ مان وڏيڪ اَناج پيدا ڪري گهڻي وقت تائين ڪائي سگهجي ٿو. تنهن ڪري اُن زماني ۾ لڳاتار شڪار ڪرڻ جي ضرورت نہ رهي ۽ لڳاتار ڀٽڪڻ جي ضرورت پڻ نہ رهي. کيتي ڪرڻ لاءِ اُنهن کي هڪ ئي هنڌ رهڻ ضروري ٿي پيو. تنهن ڪري دائمي طوَر ڳوٺ ۽ بستيون ناهي ماڻهوءَ جون اَنيڪ پيڙهيون هڪ هنڌ رهيوُن. اِن نئين پٿريُگ جي ڳوٺ ۽ بستيءَ جو سماجڪ سنگٺن ۽ سڀيتا جي پوري ڄاڻ اَسين ايندڙ باب ۾ حاصل ڪنداسين.

### اَڀياس

**١. هر هڪ جو هڪ جُملي ۾ جواب لکو.**

(١) پُڏيوان ماڻهوءَ ڪهڙن جانورن جو گهڻو شڪار ڪندو هو؟

(٢) نئين پٿريُگ جي سڀيتا جي ڪهڙي خاصيت آهي؟

**٢. هيٺين بيانن جا سبب لکو.**

(١) وچولي پٿريُگ ۾ ماڻهوءَ جي ڪاڏي ۾ تبديل ٿيڻ لڳي.

(٢) ماڻهوُ ڪجهہ وقت هڪ ئي هنڌ رهڻ لڳو.

**٣. وچولي پٿريُگ جي عارضي ٺڪاڻي جي خيالي چٽر کي جاچي هيٺين سوالن جا جواب لکو.**

(اَلف) چٽر ۾ گهرن جي بناوت ڪيئن آهي؟

(ب) گهرن کي ناهڻ لاءِ ڪهڙو سامان ڪم آندل آهي؟

(ڀ) عارضي نڪاڻي تي رهندڙ ماڻهوُ ڪهڙا ڏنڌا ڪندا هوُندا؟

**۴. الڳ الڳ مُندن جي آبهوا جو توهانجي زندگيءَ تي ڪهڙو اثر ٿيندو آهي؟**

**۵. نئين پٿريگ جي ڳوٺ ۽ جديد ڳوٺ جي ڀيٽ ڪريو.**

**عملي ڪم:**

الڳ الڳ قسمن جي گهرن جا ماڊل تيار ڪريو.

**مشغوُلي:**

(اَلف) ڪيتي ۾ ڪسان جيڪي الڳ الڳ ڪم ڪندو آهي اُنجي چاڻ حاصل ڪرڻ لاءِ کيت ۾ روبرو وڃو.

(ب) پنهنجي پسگردائيءَ ۾ الڳ الڳ پنجن گهرن ۾ وڃي جاچيو تہ، گهرن کي ناهڻ لاءِ ڪهڙو سامان ڪم آندل آهي.

(ڀ) ماستر جي مدد سان ڌرتيءَ جي گولي يا نقشي ۾ ڏنل ڪنڊن کي جاچي اُهي ڪاپيءَ ۾ درج ڪريو.

## چا توهانکي خبر آهي؟

ڌرتيءَ تي برفاني يگ ۽ وچين برفاني يگ واري ڦيريءَ سان ايندا آهن. برفاني يگ ۾ ڌرتيءَ جو چڱو متاچرو برف سان ڍڪيل هوندو آهي ۽ آبهوا بيحد خشڪ ۽ ٿڌي هوندي آهي. سمنڊ جي سنوت چڱي گهٽجي ويندي آهي چو تہ پاڻي برف ۾ بدليل هوُندو آهي. وچين برفاني يگ جو مطلب آهي تہ ٻن برفاني يگن جي وچ وارو عرصو. هن يُگ ۾ ڌرتيءَ جي متاچري جي برف وڏي اَنداز ۾ رجندي آهي. سمنڊ جي سنوت وڏي ويندي آهي ۽ آبهوا ڪجهہ گرم ۽ گهميل ٿيندي آهي، جنهن وقت ۾ ڌرتيءَ جي ڪن ڀاڱن ۾ برفاني يگ هوندي آهي اُن وقت ايشيا ۽ آفريڪا جي ڪجهہ ڀاڱن ۾ وڏي اَنداز ۾ برسات پوندي آهي ۽ ساڳئي نموني ڌرتيءَ جي ٻين ڀاڱن ۾ وچين برفاني يگ هئڻ وقت ايشيا ۽ آفريڪا کنڊ جي ڀاڱن ۾ برسات جو اَنداز گهٽ ٿي ويندو آهي.

ماهر ماڻهوءَ جي زماني ۾ يعنيِ اَٽڪل ۲۵ لک سال اڳ آبهوا بيحد ٿڌي ۽ خشڪ ٿيڻ لڳو هو. اچ کان ۱۸۰۰۰۰۰ کان ۱۱۰۰۰ سال اڳ عرصي ۾ برفاني يُگ ۽ وچين برفاني يگ جا چار ڦيرا ٿي ويا. پراچين ۽ وچولي پٿر يُگ جي سپيتا جو اِتهاس اِن عرصي ۾ ئي نهيو. اَٽڪل ۱۱ هزار سال اڳ آخرين ڦيري ۾ برفاني يُگ ختم وچين برفاني يگ جي شروعات ٿي. آبهوا گرم ۽ گهميل ٿيڻ لڳي. کيتي ۽ نئين پٿريگ جي شروعات پڻ لڳ ڀڳ اُن وقت ٿي.

❑❑❑

# ٨. ٿانئيڪي زندگيءَ جي شروعات

٨.١ جانور پالڻ ۽ کيتيءَ جي شروعات
٨.٢ خاص هُنر ۽ الڳ الڳ ڌنڌا
٨.٣ آپسي سهڪار تي آڌارت زندگي
٨.٤ گهرن جي بناوت
٨.٥ ڳوٺ، ناتا ۽ ڪُٽنب

## ٨.١ جانوَر پالڻ ۽ کيتيءَ جي شروعات

**جانوَر پالڻ:** ڪُتا، ٻڪريون، رِڍُون، ڳانيُون ۽ ٻيل، مينهُون وغيره جانوَر ماڻهوءَ لاءِ ڪارائتا آهن. ڪنهن به جانور کي پالڻ جا ٽي ڏاڪا آهن:

(١) جهنگلي جانورن کي پڪڙي پاڻ وٽ رکڻ.

(٢) اُنهن جانورن کي ماڻهن سان رهڻ لاءِ هيرڻ.



بيل جي شروعاتي نسل جي جهنگلي
بيل جو خيالي چٽر

جديد بيل

(٣) اُنهن مان کير ۽ ٻيا پدارٿ حاصل ڪرڻ ۽ اُنهن کان محنت جا ڪم ڪرائڻ.

جڏهن ٽيون ڏاڪو پورو ٿئي ٿو ته اُنکي جانوَر پالڻ چئجي ٿو. ڇهين باب ۾ اَسان ڏٺو ته وچولي پٿر يُگَن ۾ ماڻهوءَ ڪُتي کي پاليو هو. ڪُتو پهريون پاليل جانور آهي. شڪار ڪرڻ وقت ماڻهوءُ ڪُتي جي مدد وٺندا هئا. ڪُتي ڪانپوءِ ٻڪريون، رِڍُون پالِيُون ويُون.

**کيتي:** اٽڪل ١١ هزار سال اڳ جا کيتيءَ جا پهريان ثبوُت اِزرائيل ۽ عراق ۾ مليا آهن. کيتيءَ جي شروعات جو جَسُ اِسترين کي ڏنو وڃي ٿو. ڇُهنبدار ڪاٺيءَ جي مدد سان اِستريُون ٻج پوکڻ جو ڪم ڪنديون هيون. ڪُجهه آديواسي جماعتن ۾ اِستريُون اڄ به اِن نموني پوک ڪنديون آهن. پوک لاءِ ڇُهنبدار ڪاٺيءَ کي وزندار ڪرڻ لاءِ ڪاٺين جي وچ ۾ سوراخ وارو پٿر لڳائيو هو، جيئن اُها زمين اَندر وڃي سگهي.

کيتيءَ جي ڪم سبب ماڻهن کي سال جو گهڻو عرصو هڪ ئي هنڌ رهڻو پوندو هو. اِهو اَسان پوئين



پوک لاءِ ڪم ايندڙ ڇُھنبدار ڪاٺي ۽ سوراخ وارو پٿر



ڇُھنبدار ڪاٺيءَ سان پوک ڪندڙ اِستريون

باب ۾ ڏنو. جانورن دواران پڌل هر سان زمين کيڙڻ شروع ڪرڻ کان پوءِ پيدائش ۾ واڌ ٿي. کيتي پيٽ پالڻ جو مکيه ساڌن بڻيو. کيتيءَ جي پيدائش وڌائڻ لاءِ ماڻهوُ قدرتي شڪتين ۽ ديوي ديوتائن جي پوُڄا



پراچين ايجپٽ جو هر

ڪرڻ لڳا. کيتيءَ جا ڪم پاڻيءَ جي ورهاست ۽ ڳوٺ جي حفاظت جهڙن ضروري ڳالهين جو بندوبست اِنهن سبب ڪري کيتي ڪندڙ سماج وجود ۾ آيو.

### ۸.۲ خاص هُنر ۽ الڳ الڳ ڌنڌا

کيتيءَ جو ڪم شروع ٿيڻ کان اڳ واري وقت ۾، شڪار ۽ ڦل، پاڙوُن، ڳنڊوُن جمع ڪري ملندڙ کاڌو گهٽي وقت تائين سانڍڻ ممڪن نه هو. سڀ ماڻهوُ کاڌو جمع ڪرڻ جي ڪم ۾ رُڌل هوندا هئا. کيتيءَ مان مليل اَناج گهٽي وقت تائين سانڍي سگهبو هو. جنهن ڪري ماڻهن کي هاڻي ڪُجهه واندڪائي مِلڻ لڳي جنهن ڪري ڪُجهه اِستري پُرش نيوُن ڳالهيون ڳولهي، پنهنجي ويچارن سان هُنر سکڻ لڳا.

اهڙن هُنرمند ماڻهن کي سندن هُنر موجب ڪم ڏنا ويا. جنهن سان مِٽيءَ جا برتن ٺاهيندڙ، مٽيا ٺاهيندڙن، جهڙا ڪاريگر تيار ٿيا. نئين پٿريگ جي وقت جا مِٽيءَ جا برتن ۽ مِٽيءَ جون شيون اِسترين هٿ سان گهڙيون هيوُن، اِئين مڃيو

ويندو آهي.

## ٨.٣ آپسي سهڪار تي آڌارت زندگي

ٻُوٽ جا هاري هاڻي ضرورت کان وڌيڪ اَناج پوکڻ لڳا. کيتيءَ جا اوزار ٺاهڻ، اُهي دُرست ڪرڻ وغيره ڪمن لاءِ هُنن کي هوشيار ڪاريگرن جي



مِٽيءَ جا برتن هٿ سان ٺاهيندڙ اِستري

ضرورت هُئي. ڪاريگرن کي سندن ڪم جو اُجوُرو اَناج يا شين جي روُپ ۾ ڏنو ويندو هو. ڪاريگرن کي شيوُن ٺاهڻ لاءِ لڳندڙ ڪچو مال پريان وٺي اچڻو پوندو هو. اُنجي قيمت پڻ اَناج ۽ شين جي ڏي وٺ سان اَدا ڪئي ويندي هئي. اِن مان خريد وڪرو ڪرڻ لاءِ مٽا ستا جو طريقو وهنوار ۾ آيو. ڪچو مال، تيار شيوُن، روزمره جون ٻيون شيون گهرائڻ لاءِ پڻ مٽا ستا جو طريقو اِستعمال ٿيندو هو. لوُڻ ضروري شيءِ آهي. لڳ ڀڳ سيني ٻُوٽن کي اُهو پريان گهرائڻو پوندو هو. لوُڻ جا واپاري لوُڻ جي عيوض ۾ مليل شين جو پڻ واپار ڪندا هئا. لوُڻ جي واپار ڪري نئين پٿر يُگ جو واپار وڌڻ ۾ هٿي مِلي.

ٻُوٽ جي واپار ۽ ڌن دؤلت جي ورهاست جو سرشتو بنا رُڪاوٽ هلي اِن لاءِ نيم ٺهيو ته ماڻهوُ هڪ ٻئي سان سهڪار ڪندا. نيمن جي عمل جي جوابداري ٻُوٽ جي مُکيه ماڻهن کي مِلي. ڪين ٻُوٽ جي حفاظت جي جوابداري پڻ مِلي. اِن نموني ٻُوٽ جي اِنتظام جو سرشتو ٺهيو. نئين پٿر يُگ جي ٻُوٽن چؤڌاري حفاظتي ڀت ۽ کڏن جا ثبوت مِليا آهن. ٻوڏ، جهنگلي جانور ۽ جانورن جي چورن کان بچاءَ لاءِ ڀتيون جوڙيون ويندِيوُن هيون.

## ٨.٤ گهرن جي بناوت

نئين پٿر يُگ جي شروعات ۾ ڪانن جا گهر اَڏيا ويندا هئا. پوءِ اَناج جي ميسر هئڻ سبب آدمشماري وڌي، ٻُوٽ وڌڻ لڳا، ڪجهه وقت کان پوءِ ڪچي سِرُن جا گهر اَڏايا وڃڻ لڳا. ڪُجهه گهرن ۾ هڪ کان وڌيڪ ڪمرا هئا. ٻن گهرن ۾ گهٽو مفاصلو نه هوندو هو. مڪاني آبهوا موجب گهر جي بناوت ۾ ڪجهه تبديليوُن بہ ڏسجن ٿيوُن.



زمين جي نِشانن ۽ گول ٿنين جي نشان
تي آڌارت چؤڪندي گهر جو ڪلپنا چٽر

## ٨.٥ ڳوٺ، ناتا ۽ ڪٽنب



بلُوچستان جي مهرڳڙه جي نئين پٿر يُگ جي بستي

گهر ۽ ڳوٺ جي رچنا مان اَنداز و لڳائجي ٿو تہ، سڄي ڳوٺ جا ماڻهوُ گهٽو ڪري هڪ ئي ڪُل جا هوندا هئا. يعني اُهي هڪ ڀَئي جا مائٽ هوندا هئا. چئي سگهجي ٿو تہ سڄو ڳوٺ هڪ وڏو ڪٽنب هو. هڪ گهر ۾ رهندڙ ڀاتي سڀَا مائٽ هوندا هئا ۽ هڪ ساڳئي وقت ڳوٺ جي ڪُٽنب جا پڻ ڀاتي هئا. مُئل ماڻهوءَ کي گهر ۾ يا گهر جي اڱڻ ۾ دفنائيندا هئا. جيئن موُت ڪان پوءِ بہ ڪٽنب جو ناتو نہ ٽُٽي. موُت ڪان پوءِ جي سفر ۾ ڪم اچن اُن لاءِ مئل ماڻهوءَ سان ڪي شيون پڻ پوُريون ويندڀون هيون.

## اَڀياس

### ١. ڏنگين مان مُناسب لفظ چونڊي خال ڀريو.

(١) ڪيتيءَ جا اَٽڪل ١١ هزار سال اڳ جا پهريان ثبوت اِزرائيل ۽ ------------- ۾ مليل آهن.
(ايران، ايراق، دُبئي)

(٢) نئين پٿر يُگ جي شروعات ۾ ----------- جا گهر اَڏيا ويندا هئا.
(مِٽيءَ، سِرن، ڪانن)

### ٢. هيٺين سوالن جا ٿوري ۾ جواب لکو.

(١) ڪنهن جانور کي پالڻ جا ڪهڙا ٿي مُکيہ ڏاڪا آهن؟

(٢) ٽولين جي اِستري پُرشن مان ڪاريگر ڪيئن تيار ٿيا؟

۳.خيالي چٽر تيار ڪريو.




۴.ڪن بہ پنجن پالتوُ جانورن جا ڪم لکو.

۵.هاڻوڪي زماني ۾ پوليس ۾ ڪهڙن ساهوارن جو اُپيوڳ ڪيو ويندو آهي؟ ڪيئن؟

مشغولي:

توهانجي ماحول ۾ پنجن ڏنڏو هلائيندڙن سان مُلاقات ڪري سندن ڪم جي ڄاڻ حاصل ڪريو.

# ٩. ٽانئيڪو جيون ۽ شهري سڀيتا


٩.١ ڌاتوءَ جو اِستعمال

٩.٢ ڦيٿي تي گهڙيل برتن

٩.٣ واپار ۽ آمدرفت

٩.۴ شهرن جو اُسرڻ ۽ لِپي

٩.۵ شهري سماجڪ سرشتو




## ٩.١ ڌاتوءَ جو اِستعمال



بلگيريا جي قبرستان مان مليل سون جون پراچين شيون

بلگيريا جي قبرستان مان مليل سون جون پراچين شيون اَسان جي من ۾ سوال پيدا ٿو ٿئي ته ماڻهوءَ پهريون ڪهڙو ڌاتوُ اِستعمال ڪيو هوُندو.

يوُروپ جي ميوُزيم جي پراچين شين جو ورهاست ڪرڻ لاءِ ڪرشچن ٿامسن نالي اَيِياس ڪندڙ 'ترِيُگ طريقو' ڪم آندو. هُن اُنهن شين جي ورهاست ٽن ڀاڱن ۾ ڪئي.

١. پٿر جا هٿيار - پٿريُگ

٢. ٽامي جا هٿيار ۽ ٻيوُن شيوُن - ٽامريُگ

٣. لوهه جا هٿيار ۽ ٻيوُن شيوُن - لوهه يُگ

ٿامسن ثابت ڪيو ته پٿر جي هٿيارن جو وقت سڀ کان اڳ، اُن کانپوءِ ٽامي جي هٿيارن ۽ شين جو وقت ۽ سڀ کان پوءِ وقت هو لوهه جي هٿيارن ۽ شين جو. اِن موجب پٿريُگ، ٽامريُگ ۽ لوهه يُگ اِهي نالا ڏنا ويا. تنهن ڪري هڪ عام ويچار پڪو ٿيو ته سڀ کان پهريون واپريل ڌاتوُ ٽامو آهي.

ظاهري طور سپ کان پهريون اِستعمال ٿيل ڌاتوُ سون آهي. سون نرم ڌاتوُ هئڻ سبب اُنجو اُپيوگہ هٿيارن ۽ اوُزارن ٺاهڻ لاءِ مُناسب نہ هو. سون ڪانپوءِ ماڻهوءَ کي اُهو ڌاتوُ مِليو جنهن مان هوُ هٿيار ۽ اوُزار ٺاهي سگهي پيو. اُهو ڌاتوُ هو ٽامو. جنهن وقت ۾ ٽامو اِستعمال ٿيڻ شروع ٿيو، اُن وقت کي ’ٽامريُگہ‘ چئجي ٿو.

ٿيو. اُن وقت ۾ ٺاهوُڪا ۽ سُهڻي ڊزائين جا برتن ٺهڻ لڳا. برتن ۽ ٻيون شيون ٺاهيندڙ ڪاريگر ڳوٺ ۾ هڪ جڳهہ تي گڏ رهڻ لڳا. چئبو تہ ڳوٺ ۾ هُنرمند ڪاريگر ۽ شين جي پيدائش جي مرڪز جو هڪ خاص پاڱو ٺهي پيو. اِهو اُنهن ڳوٺن ۾ ٿيو جن ۾ ڪچو مال ميسر هو ۽ واپار جي لحاظ کان سهوُليت وارا هئا. اُنهن ڳوٺن جو



برتن هٿ سان گهڙڻ وقت اُهو ڦيرائڻ سؤلو ٿئي اِن لاءِ ڦرندڙ تختي جو اِستعمال ٿيڻ شروع ٿيو هوندو. هڪ هٿ سان آڪار ڏيندي، ٻئي هٿ سان سخت ڦيرائيندا هئا. اِن ڪم ۾ بدل سدل ٿيندي ٿيندي ڦيٿي جو وڪاس ٿيو ڪجهہ وقت کان پوءِ. اڄ تائين پڻ، اُتر اوير پارت جون آديواسي اِستريوُن برتن کي آڪار ڏيڻ لاءِ ڦرندڙ تختي جو اُپيوگہ ڪنديون آهن.

متيءَ جا برتن ٺاهڻ واري ڦيٿي کي لڳايل نوُڪدار پٿر. ڦيٿو اُنتي تيز ڦرندو هو. اُن سوڙهي پٿر کي نوڪدار پٿر چوندا آهن.





برتن ٺاهڻ لاءِ تختي جو اِستعمال ڪندڙ ايجپت جو ماڻهوُ

## ۹.۲ ڦيٿي تي گهڙيل برتن

ٽامريُگہ جو وقت نئين کوجنائن ۽ تيزيءَ سان ٿيندڙ بدل سدل جو هو. اُن وقت ۾ ٿيل اهميت واري کوجنا ڦيٿو مڃيو وڃي ٿو تہ ڦيٿي جو اُپيوگہ پهريائين متيءَ جا ٿانوَ ٺاهيندڙ ماڻهن ڪيو. ڦيٿي جو واهڻ ۾ اُپيوگہ ڪجهہ وقت کان پوءِ ٿيو هوندو.

## ۹.۳ واپار ۽ آمدرفت

برتن ڦيٿي تي ٺاهڻ شروع ٿيڻ کان پوءِ اُنجي پيدائش وڏي پئماني تي ڪرڻ ممکن

وستار ٿيو.

شين جي پيدائش وڏي پئماني تي ٿيڻ ڪانپوءِ واپار ۾ پڻ واڌ ٿي. تنهن ڪري آمدرفت جي طريقن ۾ پڻ بدل ٿيڻ ضروري هو. اُن وقت ۾ ئي ڦيٿن واري واهڻن جو اِستعمال شروع ٿيو.

## ۹.۴ شهرن جو اُسرڻ ۽ لِپي

پري تائين ڦهليل واپار، مال جي جلد آمدرفت ۽ وڏي پئماني تي شيون پيدا ڪندڙ مرڪز، اُنهن سبب اَنيڪ قسمن جا ڪم ڪندڙ ماڻهو گڏ ٿيا. شهر اُسرڻ وڏيل واپار ۽ پيدائش جو حساب

ڪتاب رکڻ ضروري ٿي پيو. لکڻ لاءِ نشانيون ۽
شڪلين جو اِستعمال اڳ ۾ ئي ٿيندو هو.

۽ وڏندڙ ڪاروبار جهڙن سببن ڪري منڊ ڪانوڻي
ڪم ايندڙ نشانين وغيره ۾ سڌارو ڪيو ويو. اُنهن



ڦيٿن تي هلندڙ واهڻن جو اُپيوگ سپ ڪان پهريون ميسوپوٽيميا ۾ ٿيو





هڙاپا (سنڌوُ) سڀيتا پار تيہ اُپکنڊ جي سڀني ڪان پراچين شهري سڀيتا هئي. اُن سڀيتا جا ڦيٿن وارا رانديڪا

ڪوٽائيءَ ۾ نشان ڪيل نکر جا برتن وڏي
اَنداز ۾ مِلن ٿا. وڏيل واپار ۽ پيدائش ۾ ٿيل واڌارو

جو پرچار ڪيو ويو، جنهن ڪري هرهڪ سڀيتا
جي پنهنجو پاڻ لِپي تيار ٿي ويئي.





پراچين نشانين ۽ چٽن جا ڪي مِثال

### ۹.۵ شهري سماجڪ سرشتو

اِهو سچ آهي تہ واپار جي واڌ دنيا جي پراچين شهري سڀيتائن جي وڪاس ۽ واڌاري جو مُکيہ سبب هو. پر اُن جو بنياد نئين پٿريگہ جي کيتيءَ جي سنسڪرتيءَ تي آڌارت هو. کيتيءَ جي ڪاريہ مان پيدا ٿيل شهر سنسڪرتي بہ متاثر ٿي. واپار جي زوردار واڌاري سبب وڪاس کيل شهرن ۾ کيتيءَ جي سنسڪرتي واري شرڌا تي مدار رکندڙ وهنوار ۽ ڏڻن وغيره کي وڌيڪ اهميت مِلي. اَنيڪ شهرن ۾ بيحد دلڪش مندر اَڏايا ويا. اُنهن شهرن جن ۾ اَمن اَمان جو اڌڪار مندر جي پرمکہ جي سپرد ڪيو ويو. اڳتي هلي مندر پرمک ۽ سرڪاري پد، ٻئي عهدا هڪ ئي ماڻهوءَ وٽ رهيا. دنيا ۾ پراچين شهري سڀيتا جي شروعات ٿي هئي. اِنهيءَ سڀيتا جي وڌيڪ ڄاڻ اَسين ايندڙ باب ۾ حاصل ڪنداسين.

## اَڀياس

۱. ڏنل گول ۾ شين جي وقت جي ورهاست جا ٽي گروهہ ڳولهيو ۽ اُهي صحيح جڳهہ تي لکو.




(۱) پٿرن جا هٿيار: ---------- يُگہ

(۲) ٽامي جا هٿيار ۽ ٻيوُن شيون: ----------- يُگہ

(۳) لوهہ جا هٿيار ۽ ٻيوُن شيون: ------------ يُگہ

۲. ڏنل ڳالهيون وقت موجب برابر سلسلي ۾ لکو.

(اَلف) (۱) ٽامو (۲) سون (۳) لوهہ

(۱) --------- (۲) --------- (۳) ----------

(ب) (۲) ٽامريُگہ (۲) لوهہ يُگہ (۳) پٿريُگہ

(۱) --------- (۲) --------- (۳) -----------

۳. ڏنل گهٽنائن جا نتيجا لکو.

(۱) ٽامي جي کوجنا: -----------

(۲) ڦيٿي جي کوجنا: -----------

(۳) لِپيءَ جي ڄاڻ: -----------

۴. نوٽ لکو:

(۱) ڌاتوءَ جو اِستعمال

(۲) شهري سماجڪ سرشتو

**مشغولي:**

(الف) توهانجي پنهنجي گهر جي شين جي يادداشت ٺاهي لکو تہ اُهي ڇا جون ٺهيل آهن.

(ب) الڳ الڳ ٻولين جي مخزنن مان ليکہ هٿ ڪيو. اُهي ڪاپيءَ ۾ چپڪايو ۽ اُن بابت پنهنجا ويچار لکو.

## ڇا توهانکي خبر آهي؟



(۱)

(۲)

(۳)



روزيٽا شلا ليکہ

روزيٽا اِسٽون نالي سان مشهور هن شلا ليکہ جي کوجنا ع.س. ۱۷۹۹ ۾ ٿي. پٿر تٽي پوڻ ڪري اَصلي شلا ليکہ جو هڪ ئي حصو بچيل آهي. شلا ليکہ ايجپشين ٻوليءَ ۾ آهي. هاڻي هي شلا ليکہ برٽش ميوزيم ۾ رکيل آهي. پهرين نظر ۾ ڏسڻ سان لڳي ٿو تہ پٿر تي ٽن ڀاڱن ۾ الڳ الڳ ليکہ اُڪريل آهن. پر حقيقت ۾ هڪ ئي ليکہ ٽن الڳ الڳ لپين ۾ اُڪريل آهي. متين لپي پراچين ايجپٽ جي چترلپي، هن کي هائروگلفس (ديو لپي) ڪري سڏجي ٿو. وچين لپي روزاني اِستعمال لاءِ ڪم آئي. اُها ڊيموٽڪ (دستاويزن لاءِ اِستعمال ٿيندڙ لپي) نالي سان سڃاتي ويندي هئي. ايجپٽ جي پراچين چتر لپيءَ مان اِها تيار ٿي هئي. ٽين لپي گريڪ آهي.

ايجپٽ ۾ ٽاليمي (پنجون) نالي راجا جي گديءَ تي ويهڻ جي پڌرائي هن ليکہ ۾ ڪيل آهي. ايجپٽ جي اِتهاس جي ساڌنن ۾ هن شلا ليکہ جي خاص اهميت آهي. ڇو تہ ٽن لپين ۾ اُڪريل هن ليک ذريعي وسري ويل پراچين ايجپٽ جي چترلپي پڙهڻ ممڪن ٿي سگهي آهي. هن ليکہ ۾ گريڪ لپيءَ جي آڌار سان ڊيموٽڪ لپيءَ ۾ 'ٽالميس' جهڙا لفظ پڙهڻ بہ ممڪن ٿيو. تنهن ڪان پوءِ جان فرانسوا شمپوليئان نالي هڪ فرينچ ماسٽر کي سڃي لپي پڙهڻ ۾ آئي. ٽالميس لفظ پڙهڻ سبب ايجپٽ جي شلا ليکن ۾ ورتن ڪيل و ديشي نالا پڙهڻ ۾ سولائي ٿيندي، اِها ڳالهہ شمپوليئان جي ڌيان ۾ آئي. هن وديشي نالا پڙهي، اُنهن جي آڌار تي مول اکرن جي يادداشت تيار ڪئي. اهڙي طرح وسري ويل پراچين ايجپٽ جي چترلپي جي برابر پڙهڻ جو ڪم شمپوليئان ڪري سگهيو.

ٽامي جي شين جا نِشان اٽڪل ٧٠٠٠ سال اڳ عيسوي سن کان اڳ جا مِلن ٿا. جن ايراضين ۾ ٽامو اڻلڀ هوندو هو، اُتي ٽامو وڏي تعداد ۾ ڪم آڻڻ ممڪن نہ هو. جنهن ڪري ٽامي جو اِستعمال ڪرڻ جي چاڻ نہ هئڻ ڪري، اُتي پٿر جي هٿيارن، اوزارن جو اِستعمال وڌيڪ ٿيندو هو. اهڙن هنڌن تان کوٽائي مان ٽامي جون شيون مِليون آهن، پر اُنهن جو تعداد تمام گهٽ هو. اهڙين ايراضين کي ٽامر يگہ وارا نہ چئي، ٽامر پٿر يگہ واريون ايراضيون ڪري سڏجي ٿو.

ٽامو سون جي ڀيٽ ۾ سخت ٿئي ٿو، جنهن ڪري اُن مان ٺهيل شيون نرم ٿينديون هيون، اُن ۾ جست ملائڻ سان سختي اچي پيئي. ٽامي ۽ جست جي گڏيل ڌاتوءَ کي ’ڪاسي‘ ڪري چئجي ٿو. نئين پٿر يگہ ۾ ماڻهو شيون ٺاهڻ لاءِ ڪاسيءَ جو واهپو ڪرڻ لڳو. تنهن ڪري هِن يُگہ کي ’ڪاسيہ يُگہ‘ ڪري بہ سڏين ٿا. گڏيل ڌاتوءُ ٺاهڻ لاءِ ڌاتو ڳارڻا پوندا هئا. جست ۽ ڪٽيل ڌاتوءُ ڪيئن رجائجن يا ڳارجن، اِهو گيان ماڻهوءَ کي ڪاسي ٺاهڻ جو گيان اَٽڪل ١٠٠٠ سال اڳ ۾ هو.



ٿالهي



عارسي



لوٽو

ٽامي جون شيون - سنڌو سنسڪرتي

❑❑❑

M5R4II

# ١٠. اِتهاسڪ وقت

١٠.١ سڀيتا جي معني

١٠.٢ ندين جي ماٿرين جي شهري سڀيتا

١٠.٣ جُدا جُدا سڀيتائون: ميسوپوٽيميا، ايجپٽ، چين، هڙپا

١٠.۴ رانديون ۽ وندر

اَسان ٻئين باب ۾ ڏٺو تہ جنھن وقت جو اِتهاس لکڻ لاءِ گرنٿ، دستخط وغيره مان لکيل ثبوت مِلن ٿا، اُن وقت کي اِتهاسڪ وقت چئجي ٿو. سڀني پراچين شهري سڀيتائن ۾ واڌارو ڪيل لِپيءَ ذريعي لکيو ويندو هو. يعني شهري سڀيتا جي اُسرڻ سان نئين پٿر يُگہ جو اِتهاس کان اِڳہ وارو وقت ختم ٿي اِتهاسڪ وقت شروع ٿيو، اِهو ظاهر ٿئي ٿو.

## ١٠.١ سڀيتا جي معني

ماڻهوءَ ٻين ساهوارن کي پنهنجون گهرجون پوريون ڪرڻ لاءِ پنهنجي آس پاس جي ماحول ۽ قدرت تي ڀاڙڻو پوي ٿو. پر ٻيا ساهوارا پنهنجون گهرجون پوريون ڪرڻ لاءِ ماحول ۽ قدرت ۾ خاص بدلاءُ نٿا ڪن. مثال، رِڇ غفا ۾ رهي ٿو. باندر وڻ تي رهي ٿو. پر ماڻهوءُ گهر ٺاهي رهي ٿو. يعني ماڻهو پنهنجي ماحول جو قدرتي روپ ڪجھ بدلائي ٿو. قدرت ۾ ملندڙ ڪاڌو پڻ هوءُ ٻين ساهوارن وانگر ڪچو نٿو کائي. هوءُ ڪاڌي جا پدارٿ رڌي، پچائي کائي ٿو. يعني هوءُ ڪچن پدارٿن کي ڦيرائي ڪم آڻي ٿو اهڙيءَ ريت هوءُ جدا جدا پدارٿن کي ڦيرائي ٿو. پٿر، ڌاتوءُ وغيره تي پرڪاريا ڪري هوءُ جدا جدا هٿيار ۽ شيوُن ٺاهي ٿو. مٽيءَ مان برتن، سِروُن ۽ ٻيون شيون ٺاهي ٿو. ڪپهہ مان سُٽ ۽ سُٽ مان ڪپڙو ٺاهي ٿو. ٿوري ۾ چئجي تہ هوءُ قدرت مان ملندڙ شين کي پنهنجي گهرج موجب بدلائي ٿو. اِهو سڀ ڪرڻ لاءِ هُن وٽ هُنر گهرجي. شيءِ ٺاهڻ کان اِڳہ هُنکي اِن بابت سوچڻو پوي ٿو. اُها شيءِ گهڙڻ لاءِ هُنکي محنت ڪرڻي پوي ٿي. سوچ، هُنر ۽ محنت مان اَنيڪ ڪلائون پيدا ٿيون. اِنهن ڪلائن ۽ رسمن جي ڄاڻ هرهڪ پيڙهيءَ پنهنجي اِڳلي پيڙهيءَ کي ڏني (اُن مان ٿيل ويچارن جي ڏي وٺ مان ٻولي بہ شاهوڪار ٿيندي ويئي). جدا جدا ڪلائن جا هُنر ۽ ٺهيل رهڻي ڪهڻيءَ کي سڀيتا چئجي ٿو.

## ١٠.٢ ندين جي ماٿرين جي شهري سڀيتا

نئين پٿر يُگہ جون سڀيتائون مکيہ طور کيتيءَ تي آڌارت هيوُن. کيتيءَ مان وڌيڪ پيدائش ٿيڻ لاءِ پلي زمين ۽ پاڻيءَ جي هميشهہ رسد جي ضرورت هوندي آهي. اِنڪري ماڻهوءَ ندين جي ڪناري تي ڳوٺ وسايا. ندين جي ماٿرين ۾ نئين پٿر يُگہ جي سڀيتائن جو وڪاس ٿيو.

جُدا جُدا هُنرن جي مدد سان پيدائش ۾ واڌ، ڦيٿي جو اُپيوگہ، واپار ۾ واڌ، واڌارو ڪيل لِپيءَ جو اُپيوگہ وغيره ڳالهين ڪري نئين پٿر يُگہ جي سڀيتائن ذريعي شهري سڀيتائون اُسريوُن. دنيا جي چئن ايراضين ۾ لڳہ ڀڳہ هڪ ئي وقت ۽ يعني عيسوي سنہ کان ۳۰۰۰ سال اِڳہ



ندين جي ماٿرين واريوُن شهري سڀيتائون

شهري سڀيتائون اُسريون. اُهي چار ايراضيون آهن ميسوپوٽيميا، ايجپٽ، ڀارتيہ اُپکنڊ ۽ چين جيئن تہ اِهي چارئي پراچين شهري سڀيتائون ندين جي ڪنارن تي اُسريون اِنڪري اُنهنکي ’ندين جي ماٿرين واريون شهري سڀيتائون‘ چئجي ٿو.

### ١٠.٣ جُدا جُدا سڀيتائون: ميسوپوٽيميا، ايجپٽ، چين، هڙپا.

**ميسوپوٽيميا:** ميسوپوٽيميا ڪنهن ديش جو نہ بلڪ هڪ ايراضيءَ جو نالو آهي. ’ميسوپوٽيميا‘ جي معنيٰ آهي ٻن ندين جي وچ وارو ڀاڱو يعنيٰ ’دوآبو‘ ٽائگرس ۽ يوفريٽس ندين جي وچ واري ڀاڱي کي پراچين ميسوپوٽيميا چئجي ٿو. اِهي نديوُن مکيہ طور ترڪستان، سيريا ۽ عراق ديشن مان وهن ٿيون. ميسوپوٽيميا ۾ اُر، اُرُوڪ، نِپُرُ وغيره پراچين شهر هئا، جن ۾ وڏيل وسيل سڀيتا هئي.

**ايجپٽ:** آفريڪا کنڊ جي اُتر ۾ سهارا بيابان جي اوڀر ڀاڱي مان نائيل ندي وهي ٿي. اِن نديءَ جي ماٿريءَ ۾ دنيا جي هڪ آباد سڀيتا اُسري، جيڪا ايجپٽ جي پراچين سڀيتا آهي. هر سال نائيل نديءَ ۾ برسات ۾ ٻوڏ ايندي آهي. نائيل نديءَ جي آندل رَولٽ سبب، اُنجي ڪنارن جي زمين ڦلي ڦُلي ٿي پيئي آهي. ايجپٽ جي پراچين سڀيتا

جا ماڻهوءُ جڳهہ جڳهہ تي بند ٻڌي نائيل نديءَ جو پاڻي جمع ڪندا هئا. رولت جي هيٺ وهڻ تي اُهو پاڻي ريج لاءِ اِستعمال ڪندا هئا.

**چين :** چين جي هويانگہ هو نديءَ جي ماٿريءَ ۾ شهري سڀيتا جو وڪاس ٿيو. چيني ماڻهن موجب ھُئانگہ دي راجا ڪيتي، جانوَر پالڻ، ڦيٿن وارا واهڻ، ٻيڙيوُن، ڪپڙا وغيره جي شروعات ڪئي. ھُنجي راڻيءَ ريشم پيدائش ۽ ريشم رنگڻ جي تڪنيڪ ڳولهي ڪڍي. چين ۾ لويانگہ، بيجنگہ ۽ چانگان شهر اهميت وارا هئا.

**هڙپا سڀيتا :** پارتيہ اُپکنڊ جي سڀ کان پراچين سڀيتا 'هڙپا سڀيتا' ڪري سُڃاڻجي ٿي. اِها سنڌو نديءَ جي ماٿريءَ ۾ وَڌي. اِن سڀيتا جا پنجاب ۾ هڙپا ۽ سنڌ ۾ موهن جو دڙو اِستان پهريائين ظاهر ٿيا. هاڻي اِهي پاڪستان ۾ آهن. گُجرات جا لوٿل ۽ ڌولاويرا، راجستان جو ڪاليبنگن اِن سڀيتا جا پارت ۾ موُل مشهور اِستان آهن.

اِن سڀيتا جا شهر رٿيل هئا هڪ ٻئي سان پوُروچوت، گوني کُنڊ تي هلندڙ رستن ذريعي نهيل چؤڪنڊي جڳهين ۾ گهر نهيل هوُندا هئا. اَناج رکڻ لاءِ وڏا گُدام، کُشادا گهر اِنهن شهرن جون خاصيتون هيون. خراب پاڻيءَ جي نيڪال لاءِ ڍڪيل ناليوُن، گهرن ۾ سنان ڪوٺيوُن، صحت خانا، اهڙو عام ماڻهن جي صحت جو خيال رکڻ وارو سرشتو هو. پڪا جُڙيل خانگي ۽ عام واپر جا کوهہ هئا. نگر جا ٻن کان چار الڳہ ڀاڱا هوُندا هئا. هر ڀاڱي جي چؤڌاري پٽ ٻڌل هوندي هئي.

هڙپا سڀيتا جي خاصيت هئي مِٽيءَ جا پڪل ٿانوَ. اُنهن جو رنگہ ڳاڙهو هوندو هو ۽ مٿان پپل جي پن، مڪين جي ماناري جهڙي ڊزائين نڪتل هوُندي هئي. قسمين قسمين آڪارن جا رنگين پٿرن جا نهيل مڻيا ۽ کُٽ جي ڌاتوءَ جون شيون ٺاهڻ ۾ هڙپا سڀيتا جا ڪاريگر هوشيار هئا. اِنهن شين جي ميسوپوٽيميا ۾ چڱي گهر هئي. هڙپا سڀيتا جي ديوي ديوتائن جي ڄاڻ نہ آهي پر تنهن هوُندي بہ اُتي مليل مِٽيءَ جي مورتين ۽ مُهرن مان چئي سگهجي ٿو تہ اُهي ماڻهو ماتا ۽ پشوُپتي اُنهن جي پوڄا ڪندا هئا.





هڙپا جي وقت جي موُرتي ۽ مُهرَ

## ۱۰.۴ رانديون ۽ وندر

پراچين شهري سيپتائن ۾ رانديون ۽ وندر جا الڳ الڳ قسم هئا. اُنهن ۾ مکيه طور شڪار ۽ ڪُستي شامل هئا. اُن ڪانسواءِ شطرنج ۽ گوٽين جي راند به ڪئي ويندي هئي.



شينهن جو شڪار ڪندڙ راجا



ڪُشتي ڪندڙ پهلوان



ميسوپوٽيميا جي اُرُ ۾ کوٽائيءَ ۾ مليل اَتڪل ع.س.اڳ ۲۶۰۰ جو تختو ۽ گوٽيون.



هڙپا جي زماني جو رانديڪو

پراچين ايجپٽ ۾ ’سينات‘ نالي شطرنج جهڙي، پاني ۽ گوٽين سان کيڏڻ واري راند مشهور هئي. پراچين چين ۾ پڻ شطرنج ۽ گوٽين سان الڳ الڳ رانديون کيون ويندي‍ون هيون. ميسوپوٽيميا ۽ هڙپا سڀيتائن ۾ پڻ اهڙيون رانديون لوڪپريہ هيوُن.





هڙپا جي زماني جو رانديڪو

پراچين شهري سڀيتائن ۾ رانديڪن وانگر سنگيت ۽ ناچ کي پڻ اهميت هئي. ڪنهن بہ مجلس ۾ سنگيت ۽ ناچ ضرور ٿيندو هو. اُن وقت اَنيڪ ساز وڄائيندا هئا. ’بالاگ‘ نالي جو تارن وارو ساز ميسوپوٽيميا ۾ مشهور هو. سارنگي پڻ هڪ اهڙو ساز هو. اُن کانسواءِ جهانجهہ، جُهنجهڻ، بنسري، ڍولڪ وغيره ساز اِستعمال ٿيندا هئا. ايجپٽ ۾ راجائن کي ’فيرو‘ چوندا هئا. خاص ڏڻ

پراچين وستوُ وديا جي ماهرن موجب هڙپا سڀيتا جي اِسٿانن جي کوٽائيءَ ۾ مِليل مِٽيءَ جون شيون، گوٽين جي روپ ۾ اِستعمال ٿينديون هيون.

هڙپا سڀيتا جي اِسٿانن جي کوٽائيءَ ۾ ٻارن جا رانديڪا پڻ مِليا آهن. رانديڪن ۾ مِٽيءَ جون ڦرڙيون، سيٽيوُن، جهُنجهڻ، بيل گاڏيون، ڦيٿن تي لڳل جانورن ۽ پکي شامل آهن.

وار تي فيرو بہ ناچ ۾ بھرو وٺندا ھئا. ھڙپا سڀيتا ۾ پڻ ناچ کي اھميت ھئي. اِھو اَنومان کوٽائيءَ ۾ مليل ناچوُ اِستريءَ جي ٽامي جي مورتيءَ مان لڳائجي ٿو.

اَسين ھاڻي ٽائين اَڀياس ڪيوسين تہ ڪيئن پٿريگہ کان شروع ٿيل اِنساني سڀيتا، شھري سڀيتا ٽائين پھتي. ايندڙ سال اَسين پارتيہ اُپکنڊ ۾ وڌيل ھڙپا سڀيتا بابت وستار سان اَڀياس ڪنداسين. اَسين ڀارت جي پراچين اِتھاس جو پڻ اَڀياس ڪنداسين.



سِتار

ميسوپوٽيميا جي اُرُ نگر ۾ کوٽائيءَ مان مليل سون جو بالاگ. بالاگ ١١ تارن جو ساز آھي اُنجي اوُچائي اَٽڪل ٢.١ ميٽر آھي. اُنجو وقت ع.س. کان اڳہ اَٽڪل ٢٦٥٠ سال اڳہ آھي. ڏيکاريل بالاگ پُٽابي نالي راڻيءَ جي قبر مان مليو ھو.

## اَڀياس

**١. ھر ھڪ جو ھڪ جُملي ۾ جواب لکو.**

(١) نئين پٿريگہ جي سڀيتا جو واڌارو ڪٿي ٿيو؟

(٢) ھڙپا سڀيتا جا ڪاريگر ڪھڙيوُن شيون ٺاھڻ ۾ ماھر ھئا؟

**٢. ٿوري ۾ جواب لکو:**

(١) ھڙپا سڀيتا جي شھرن جي رچنا ڪيئن ھئي؟

(٢) نائيل نديءَ جي ڪناري واري زمين پلي ڪيئن ٿي ويئي؟

**٣. ڏنل چٽر پورو ڪريو:**




**عملي ڪم:**

پارٽ جي نقشي ۾ هڙپا سڀيتا جا اِستان ڏيکاريو.

**مشغولي:**

(اَلف) توهانجي آس پاس ۾ سنگيت جي الڳ الڳ ساز وڄائيندڙ سان مِلي سازن جي وڏيڪ ڄاڻ وٺو.

(ب) توهانجي آس پاس رهندڙ بزرگن سان مِلي هوُ پنهنجي وقت ۾ ڪهڙيون رانديون ڪندا هئا، اُنجي ڄاڻ وٺو.

## چا توهانکي خبر آهي؟

ميسوپوٽيميا ۾ وڏيل شهري سڀيتائن مان چئن جا نالا آهن: (١) سُميرين (٢) اَڪيڙين (٣) بابيلونين (۴) ائسِريَن. ع.س. کان ٢٣٥٠ سال اڳ اَڪڙ جو اچ اُڀريو. اڪڙ جي سمرات سارگن جي وقت ۾ هڙپا ۽ ميسوپوٽيميا جي وچ ۾ واپار اوُج تي هو. بابيلون جو راجا ۽ ع.س. کان اڳ ١٧٥٠ کان ١٧٩٢ جي وقت ۾ تي گُذريو. پنهنجي پرجا کي لکيل قاعدو ڏيندڙ هوُ دنيا جو پهريون راجا هو.

پراچين ايجپٽ جي ماڻهن جي حاصل ڪيل خاص ڳالهه هُئي. اُنهنجي عمارت سازيءَ جي ڪلا. اُتان جي پرئمڊس ۽ مندرن کي ڏسي اُن جي ڄاڻ مِلي ٿي. عمارت ٺاهڻ لاءِ مِٽيءَ جي ڪچين سِرُن ۽ پٿرن جو اُپيوگ ڪيو ويندو هو. حساب، صحت ۽ ريج جي کيترن ۾ هُنن خوب ترقي ڪئي هُئي. اُتي جهازرانيءَ جو ڪم پڻ ٿيندو هو. نيري رنگ سان چلڪيل مِٽيءَ جون شيون ٺاهڻ، پپائرس نالي ٻوٽي مان ڪاغذ ٺاهڻ جي ڪلاجهڙن کيترن ۾ به ترقي ٿيل هئي.

هڙپا ۽ موهن جو دڙو اِستانن جي کوٽائي جو ڪم ١٩٢١-٢٢ ۾ شروع ٿيو ۽ هڙپا سڀيتا جي ڄاڻ مِلي. هڙپا سڀيتا پهريون ظاهر ٿي تنهن ڪري هڙپا سڀيتا اِهو نالو پيو.

سنڌو نديءَ جي ماٿريءَ جي هڙپا سڀيتا جا ليک مليا آهن پر اُنهنکي پڙهڻ ۾ اڃا ڪاميابي نه مِلي آهي. اِنڪري ليکن ذريعي اُتان جو اِتهاس ڄاڻي نٿو سگهجي. پر هڙپا سڀيتا جي پنهنجي واڌارو ڪيل لِپي هئي ۽ اُها ٻين شهري سڀيتائن جي ئي وقت ۾ مؤجود هئي، اِهو خيال ۾ رکي اِن سڀيتا جي وقت کي پار تيه اُپکنڊ جو 'اِتهاس کان اڳ واروو وقت' چئجي ٿو.



هڙپا لپيءَ ۾ ليک

**ڪُجهه پراچين شهري سڀيتائن جون خاصيتون**

١. نديءَ جي ڪناري کيتي پرڌان ٿانئيڪيوُن بستيون ٢. ٽامي ۽ ڪُٽ ڌاتوءَ جو اِستعمال ٣. سُڌريل تڪنيڪ ۽ خاص واپاري هُنرن تي آڌارت ڌنڌا ۴. پاڻيءَ جي رسد ڪندڙ مرڪزي سرشتو، وسُڌريل ريج جا طريقا ۵. کيتي ۽ ٻين شين جو نگر جي ضرورت کان وڌيڪ پيدائش ٦. سُڌريل لِپيءَ ذريعي لکڻ ٧. پري تائين ڦهليل واپار ۽ واڌارو ڪيل آمدرفت - جانورن ذريعي ڇڪجندڙ ڦيٿي وارا واهڻ، آبي رستي جو اُپيوگ ٨. پُختي نگر رچنا - بچاءُ واريون ڀتيون، پڪا رستا. عملدار ۽ عام ماڻهن لاءِ الڳ بستيون. ٩. واڌارو ڪيل عمارت سازي ۽ شلپ ڪلا. ١٠. حساب، آڪاس وديا ۽ صحت وگيان وغيره ۾ واڌارو.

❑❑❑

مھاراشٽر راجيہ پاٺيہ پُستڪ نِرمتي وَ اَڀياس ڪرم سنشوڌن منڊل، پُڻي.

परिसर अभ्यास भाग – २ इ. ५ वी (सिंधी माध्यम )

₹ 28.00

